Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مھر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :11 | سومر 13 مارچ 2023ع بمطابق 20 شعبان المعظم 1444ھ | شمارو: 150 | قيمت10 روپيا

لاهور ۾ قلم 144 لاڳو، رينجرز طلب، پي ٽي آءِ ريلي نہ ڪڍي سگهي، اڄ ريلي ڪڍڻ جو اعلان

قلم 144 رڳو پي ٽي آءِ جي ريلي روڪڻ لاءِ لڳايو ويو، لاهور ۾ ٻيون سرگرميون جاري آهن، رڳو زمان پارڪ جو گهيرو ڪري ڪنٽينر ۽ پوليس اٽالا لڳايا ويا آهن : عمران خان

پنجاب جو نگران وڏو وزير 8 مارچ جهڙا وڳوڙ ڪرائي چونڊون ملتوي ڪرائڻ چاهي ٿو، ڪارڪن ان جار ۾ نہ ڦاسن، اسان ريلي ملتوي ڪري ڇڏي آهي

مان سمورن پي ٽي آءِ ڪارڪنن کان درخواست ڪريان ٿو تہ هو هن جار ۾ نہ ڦاسن، اسان ان لاءِ ريلي ملتوي ڪري ڇڏي آهي

قلم 144 جو لاڳو صرف تحريڪ انصاف جي لاءِ آهي هي فساد چاهين ٿا ،اسان پرامن چونڊون چاهيون ٿا : شاهہ محمود قريشي

هي رتو ڇاڻ چاهين ٿا ۽ اسان پرامن ريلي ڪڍڻ چاهيون ٿا. اسان هميشہ صبر کان ڪم ورتو آهي ، اسان اڄوڪي ريلي ملتوي ڪري ڇڏي آهي

شهر جي روڊ رستن کي کوليو وڃي. هن چيو تہ اسان کي پٽ سان لڳايو پيو وڃي اسان آئين ۽ قانون جو رستو ناهي ڇڏيو : حماد اظهر

لاهور(م د) اڳوڻي وزيراعظم ۽ تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان اڄ لاهور ۾ ٿيندڙ ريلي سڀاڻي تائين ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو عمران خان سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ٽوئٽر تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي تہ ائين لڳي ٿو تہ قلم 144 غير قانوني طور تي صرف ۽ صرف پي ٽي آءِ جي چونڊ مهم تي لڳائي وئي آهي. جڏهن تہ لاهور ۾ ٻيون سمورين عوامي سرگرميون جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڊجيٽل آدمشماري تي خدشا ختم نہ ڪيا ويا تہ سنڌ حڪومت پنهنجي حمايت واپس وٺي ڇڏيندي: وڏو وزير

آدمشماري تي اسان جا اعتراض ختم نہ ڪيا ويا تہ پوءِ سياسي حڪمت عملي بہ جوڙينداسين، ڪراچي ۾ رونقون بحال ڪرايون آهن : مراد شاهہ

اليڪشن ڪميشن ڪراچي ۾ مڪاني چونڊن جا روڪيل نتيجا جاري ڪري. ڪراچي جو ميئر پيپلز پارٽي جو ئي هوندو

آدمشماري بابت احسن اقبال کي بہ خط لکيو هو، اسان اهڙي آدمشماري چاهيون ٿا جنهن تي ڪنهن کي بہ اعتراض نہ هجي

ملڪ هن وقت شديد مالي بحران مان گذري رهيو آهي. هڪ شخص جي چوڻ تي اسيمبليون ٽوڙيون ويون، اسان سياسي ماڻهو آهيون

چونڊن ڏانهن ضرور وينداسين. آڪٽوبر ۾ قومي اسيمبلي جون چونڊون ٿيڻيون آهن. جڏهن قومي اسيمبلي جون چونڊون ٿينديون تہ پنجاب ۾ بہ سياسي حڪومت هوندي

عدالتن کي آئيني بحران کي ڏسڻ گهرجي. عدالتن جا فيصلا ڪڏهن ڪڏهن ميڊيا جي دٻاءَ تي بہ ڪيا ويندا آهن : ڪراچي ۾ گيمز جي تقريب ۾ شرڪت کان پوءِ صحافين سان ڳالهيون

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ چيو آهي تہ ڊجيٽل آدمشماري تي اسان جي خدشن کي ختم نہ ڪيو ويو تہ سنڌ حڪومت آدمشماري بابت پنهنجي حمايت واپس وٺي ڇڏيندي. ڪراچي ۾ گيمز جي تقريب ۾ شرڪت کان پوءِ صحافين سان ڳالهيون ڪندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ چيو تہ آدمشماري تي اسان جا اعتراض ختم نہ ڪيا ويا تہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ببر شينهن جهنگلي جانور ڪاٽڻ اڃي رهيو آهي: سعد رفيق

اقامي جي بنياد تي نواز شريف کي ڪڍڻ سازش هئي

ن ليگ کي موقعو مليو تہ عدل جو نئون نظام آڻينداسين

لاهور (م د) ريلوي واري وزير خواجا آصف چيو آهي تہ نواز شريف اچڻ وارو آهي، ببر شينهن واپس اچي رهيو آهي، لاهور ۾ ن ليگ جي ورڪرز ڪنوينشن سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عمران دور ۾ سليم صافي جي گندي وڊيو ٺاهڻ جي سازش جو انڪشاف

اسلام آباد (م د) ناميارو صحافي سليم صافي کي عمران خان جي اقتداري دور ۾ سيڪٽ ڏيڻ ۽ ڦاسائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون ۾ ايجنسيون ناڪام ويون. سليم صافي جو گناهہ اهو هو تہ عمران پراجيڪٽ جي حمايت ڪرڻ کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

مُلڪي صورتحال تي عمران خان جو آمريڪي ڪانگريس جي سينيئر رڪن سان رابطو

اسلام آباد(م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان ملڪي صورتحال تي آمريڪي ڪانگريس جي پرڏيهي معاملن واري ڪميٽي جي سينيئر رڪن بريڊ شرمين سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو آهي. عمران خان سان ڳالهائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

لاهور: پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

صوبي ۾ سياسي سرگرمين لاءِ ڪا بہ پابندي ناهي لڳائي: محسن نقوي

سمورين سياسي پارٽين کي چونڊ مهم هلائڻ جي مڪمل آزادي آهي

پنجاب حڪومت سياسي سرگرمين ۽ ريلين تي صرف هڪ ڏينهن لاءِ پابندي لاڳو ڪئي آهي

پاڪستان سپر ليگ(پي ايس ايل) ڪرڪيٽ ميچ ٽيم جي چرپر ۽ ميراٿن بابت اڳ ئي سموري منصوبہ بندي ڪئي وئي هئي

لاهور (م د) پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي چيو آهي تہ صوبي ۾ سياسي سرگرمين تي ڪنهن بہ قسم جي پابندي ناهي لڳائي، سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي پنهنجي پيغام ۾ پنجاب جي نگران وڏي وزير چيو تہ سمورين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

تحريڪ انصاف لاهور ۾ قلم 144 لڳائڻ واري فيصلي کي اليڪشن ڪميشن ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو

پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي هدايت تي بابر اعوان درخواست اليڪشن ڪميشن ۾ داخل ڪري ڇڏي

تحريڪ انصاف جي ريلي تي قلم 144 لاڳو ڪرڻ غيرقانوني آهي، چونڊ مهم هلائڻ تحريڪ انصاف جو آئيني حق آهي : درخواست جو متن

اليڪشن ڪميشن قلم 144 لاڳو ڪرڻ واري فيصلي کي ختم ڪري: درخواست ۾ استدعا

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف لاهور ۾ قلم 144 لاڳو ڪرڻ واري فيصلي کي اليڪشن ڪميشن ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو آهي، پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي هدايت تي بابر اعوان درخواست اليڪشن ڪميشن ۾ داخل ڪري ڇڏي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

تحريڪ انصاف اڄ لاهور ۾ ٿيندڙ ريلي اڄ تائين ملتوي ڪري ڇڏي

قلم 14344 غير قانوني طور تي صرف ۽ صرف پي ٽي آءِ جي چونڊ مهم تي لڳائي وئي

اسان پرامن چونڊون ۽ پرامن اقتدار چاهيون ٿا : حماد اظهر

لاهور (م د) اڳوڻي وزيراعظم ۽ تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان اڄ لاهور ۾ ٿيندڙ ريلي اڄ تائين ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

1ST SPECIAL
CONVOCATIO
ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران ٽسوري وڏي وزير کي ڊاڪٽري جي ڊگري ڏئي رهيو آهي

همراهہ خوني بڻجي ويو، ڪلاڪ اندر زال، سالي، ٻارن ۽ فيڪٽري مالڪ کي ماري ڇڏيائين

شيخوپوره (م د) فلور مل مالڪ سميت زال، ٻارن ۽ سالي کي قتل ڪندڙ جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جوابدار هڪ ڪلاڪ اندر فيڪٽري مالڪ، سندس 2 ٻارن، زال ۽ سالي کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو جوابدار جو نالو تنوير ٻڌايو ويو آهي پوليس جوابدار کي هٿيار سميت گرفتار ڪري ورتو آهي، جوابدار پوليس کي بيان رڪارڊ ڪرايو تہ فيڪٽري مالڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف سان وزيراعظم جو صلاحڪار انجنيئر امير مقام ملاقات ڪري رهيو آهي

ايران_سعودي سفارتي لاڳاپن جي بحالي، ”آمريڪا خاموش نہ ويهندو“

ان ڳالهہ جو اظهار آهي تہ خطي ۾ طاقت جو رخ ڪهڙي پاسي آهي : سينيٽر مشاهد حسين

ايران سعودي معاهدو آمريڪا سان گڏ اسرائيل لاءِ بہ جهٽڪو آهي

ڪراچي (م د) ايران ۽ سعودي عرب جي سفارتي لاڳاپن جي بحالي کي وچ اوڀر ۾ آمريڪا لاءِ وڏو جهٽڪو قرار ڏنو پيو وڃي.ايران ۽ سعودي عرب جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سنڌ مارچ جي شاهہ ڪريم ۾ شاندار آجيان، حق حاڪميت چاهيون ٿا : اڳواڻ

اسان سنڌي عوام جي حقن خاطر پنهنجا گهر ڇڏي نڪتا آهيون

عوام کي وڌ کان وڌ شرڪت جي دعوت ڏجي ٿي، هو شريڪ ٿي قومي ٻڌيءَ جو ثبوت پيش ڪن

ٽنڊو محمد خان/بلڙي شاهہ ڪريم (نمائندن وتاناحسان انصاري) ڪراري ڊجيٽل آدمشماري، ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي، عوام سان ٿيندڙ ظلم ۽ بربريت خلاف ايس يو پي طرفان سکر کان نڪتل پيادل سنڌ/ مارچ ڳوٺ ڏاڏا سائين ۾ رات ترسڻ کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

صحت کاتي ترجمان ڊي ايڇ او آفيس مڪلي بابت هلايل خبرن جي ترديد ڪري ڇڏي

پراڻي، استعمال ٿيل ۽ ناڪاره گاڏين جون وڊيوز هلائي پي ٽي آءِ ايم بي غلط تاثر پکيڙي رهيو آهي: ترجمان

عوام کي غلط ۽ نامڪمل معلومات ڏيڻ بدران پوري حقيقت پيش ڪئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي صحت کاتي جي ترجمان ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس مڪلي ۾ بيڪار گاڏين جون ميڊيا جي ڪجهہ حصن ۾ هلندڙ هڪ خبر جي ترديد ڪندي چيو آهي تہ پراڻي، استعمال ٿيل ۽ ناڪاره گاڏين جون وڊيوز هلائي پي ٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪنڌڪوٽ لڳ پوليس پڪٽ تي حملو، سرڪاري هٿيار ڦر، 2 اهلڪار اغوا

مهر ٿاڻي جي حد ددڙ پوليس پڪٽ تي ڌاڙيلن حملو ڪري سرڪاري هٿيار ڦر ڪيا

ڌاڙيل ٻن پوليس اهڪارن سجاد جکراڻي ۽ عبدالغفار وسطڙو کي اغوا ڪري ڪچي طرف فرار ٿي ويا

ڪشمور ضلعي پوليس اغوا ٿيل اهلڪارن جي بازيابي لاءِ راهوٽي جون ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪشمور ضلعي ۾ بدامني وڌي وئي،عوام جي تحفظ لاءِ مقرر پوليس اهلڪار بہ غير محفوظ بڻيل آهن جڏهن تہ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

بلڙي شاهہ ڪريم: سنڌ مارچ کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

باجوا آخر تائين پنهنجي مفاد کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي

اسلام آباد (م د) پراجيڪٽ عمران باجوا ڊاڪٽرائن نہ هو، اهو تہ جنرل(ر) باجوا کي ورثي ۾ مليو هو. البتہ هن دل ۽ جان سان ان کي اڳتي وڌايو، فيض حميد هن جو ساٿي هئو. انهن جنرلن لاءِ پنهنجو ذاتي مفاد ملڪ ۽ خود فوج جي مفاد کان ڪيترو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪرمپور ۾ انڊس هاءِ وي تي هڪ ڊرائيور جي قتل ۽ ٻي جي اغوا خلاف ڌرڻو

وارثن ۽ ٽرانسپورٽ اتحاد پاران ڪرمپور لاڙي وٽ روڊ تي لاش رکي ڌرڻو هنيو ويو

ذاڪر سومرو کي قتل ڪري منظور سولنگي کي اغوا ڪيو ويو آهي : مظاهرين

ڪرمپور (رپورٽر) ڪرمپور ۾ انڊس هاءِ وي تي هڪ ڊرائيور جي قتل ۽ ٻي جي اغوا خلاف ڌرڻو هنيو ويو آهي، ڪرمپور پرسان انڊس هاءِ وي تي ڌاڙيلن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سنڌ ايڪسائيز کاتي پاران ٽيڪس نہ ڀريندڙ گاڏين خلاف روڊ چيڪنگ مهم جاري

21هين ڏينهن جاري مهم دوران 52990 گاڏيون چيڪ ڪيون ويون ۽ 7 ڪروڙ رپيا ٽيڪس وصول ڪيو ويو

ٽيڪس نہ ڀريندڙن کي درخواست ڪئي تہ وقت سر پنهنجا ٽيڪس جمع ڪرايا وڃن: مڪيش ڪمار چاولا

ڪراچي (رپورٽر) ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ اينٽي نارڪوٽڪس واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا جي هدايتن تي ٽيڪس نہ ڀريندڙ گاڏين جي مالڪن کان ٽيڪس وصولي جي مهم جي 21هين ڏينهن تائين مجموعي طور تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ٽنڊوڄام: ايس ٽي پي سربراهہ ڊاڪٽر قادر مگسي پارٽي اڳواڻن کي خطاب ڪري رهيو آهي

سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ ريفرنس داخل ڪرڻ تي جسٽس مظاهر جي پٽڻ وڪيل کي نوٽيس اماڻي ڇڏيو

ميان دائود 15 ڏينهن ۾ معافي گهري ۽ پنهنجي الزامن جي ترديد ڪري : نوٽيس جو متن

ميان دائود جسٽس مظاهر نقوي جي ساک کي مجروح ڪيو

معافي نہ گهرڻ تي ميان دائود قانوني ڪارروائي کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ جي جج جسٽس مظاهر نقوي خلاف سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ ريفرنس داخل ڪرڻ تي جسٽس مظاهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

جسٽس مظاهر نقوي (فائيل فوٽو)

واپڊا آفيسن ۾ چيئرمين جي تصوير قائداعظم سان گڏ هڻڻ جو حڪم

جنرل صاحب! قائد تہ پاڪستان ٺاهيو هو، توهان پنهنجو ڪارنامو ٻڌائي سگهو ٿا

سجاد غني جي اها حرڪت نظرانداز نٿي ڪري سگهجي : حامد مير

اسلام آباد آواز (م د) جماعت اسلامي جي سينيٽر مشتاق احمد خان واپڊا چيئرمين لفٽيننٽ جنرل(ر) سجاد غني جي تصوير ۽ تدس پاران جاري ڪيل /بقايا پڙهو صفحو2 نمبر14

اليڪشن ڪميشن قومي اسيمبلي جي 37 سيٽن تي ننڍيون چونڊون ملتوي ڪري ڇڏيون

خيبرپختونخواهہ ۾ قومي اسيمبلي جي 24 تڪن ۽ اسلام آباد مان قومي اسيمبلي 3 تڪن ۾ ننڍيون چونڊون ملتوي ڪيون ويون

بلوچستان جي قومي اسيمبلي جي هڪ سيٽ ۽ سنڌ جي قومي اسيمبلي جي 8 تڪن ۾ ننڍيون چونڊون ملتوي ڪيون ويون آهن :اليڪشن ڪميشن

عدالتي فيصلن جي روشني ۾ ننڍيون چونڊون ملتوي ڪيون ويون آهن

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن خيبرپختونخواهہ، بلوچستان ۽ اسلام آباد جي قومي اسيمبلي جي 37 سيٽن تي ننڍيون چونڊون ملتوي ڪري ڇڏيون آهن رپورٽ موجب اليڪشن ڪميشن مختلف صوبن ۾ قومي اسيمبلي جي سيٽن تي ٿيندڙ ننڍيون چونڊون ملتوي ڪري ڇڏيون. خيبرپختونخواهہ ۾ قومي اسيمبلي جي 24 تڪن ۽ اسلام آباد مان قومي اسيمبلي 3 تڪن ۾ ننڍيون چونڊون ملتوي ڪيون ويون آهن اليڪشن ڪميشن موجب اهڙي طرح بلوچستان جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سي پيڪ سيڪيورٽي لاءِ سنڌ پوليس ۾ 1500 اهلڪارن جي ڀرتي شروع

ڀرتي جي لاءِ سنڌ جي ڪنهن بہ ضلعي جو ڊوميسائيل رکندڙ مرد اميدوار اهل قرار ڏنا ويا

اميدوار جو مڃيل بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن مان گهٽ ۾ گهٽ ميٽرڪ پاس هجڻ ضروري آهي : جاري پڌرائي

ڪراچي: (م د) سي پيڪ جي سيڪيورٽي لاءِ قائم سنڌ پوليس جي اسپيشل پروٽيڪشن يونٽ کي وڌيڪ هٿي ڏني پئي وڃي. جنهن جي لاءِ سنڌ پوليس ۾ ڏار کان پوليس اهلڪارن جي گريڊ 7 جي 500 سيٽن تي ڀرتي جي شروعات ڪئي وئي آهي. ڀرتي جي لاءِ سنڌ جي ڪنهن بہ ضلعي جو ڊوميسائيل رکندڙ مرد اميدوار اهل قرار ڏنا ويا آهن سي پيڪ اسپيشل پروٽيڪشن يونٽ جي ڪمانڊنٽ ڊي آءِ جي محمد ڪاشف ان سلسلي ۾ پڌرائي جاري ڪري ڇڏي آهي. جاري ڪيل پڌرائي موجب اميدوار جو مڃيل بورڊ آف سيڪنڊريمان گهٽ ۾ گهٽ ميٽرڪ پاس هجڻ ضروري آهي. 16 کان 28 سالن جي عمر جا اميدوار ڀرتي جي لاءِ آن لائين درخواست ڏئي سگهن ٿا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

عدليا ۽ فوج پنهنجو ڪم ڪري تہ سياست ۾ ميچورٽي اچي سگهي ٿي: مفتاح اسماعيل

عدليا آئين جي حساب سان نہ پنهنجي مرضي سان ڪم ڪندي آهي، ڪڏهن آئين جي پاسدار بڻجي ويندي آهي

حڪومت جو ڪم پوليس اسٽيشن ۽ ڪورٽ هلائڻ آهي، پيٽرول پمپ هلائڻ ناهي

ملڪ ۾ معاشي بحران آهي، اسان سريلنڪا ناهيون : مصطفيٰ نواز کوکر

ملڪ جو ڏيوالو ٿيو تہ هتي ماڻهو ٻاهيون ڏئي ڇڏيندا، هتي سيني وٽ هٿيار بند جٿا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڳوڻي ناڻي واري وزير مفتاح اسماعيل چيو آهي تہ جيڪڏهن عدليا ۽ فوج پنهنجو ڪم ڪري تہ سياست ۾ ميچورٽي اچي سگهي ٿي. ڪراچي ۾ نيشنل ڊائيلاگ آن ري اميجنگ پاڪستان جي تقريب سان خطاب ڪندي مفتاح اسماعيل چيو تہ عدليا آئين جي حساب سان نہ پنهنجي مرضي سان ڪم ڪندي آهي، ڪڏهن آئين جي پاسدار بڻجي ويندي آهي، ڪڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سنڌ بدامني، ڪرپشن، ڦرلٽ ۽ بدترين حڪمراني جو شڪار آهي: محمد حسين محنتي

امن امان جي نالي تي اربين رپيا خرچ ڪرڻ باوجود عوام انصاف ۽ امن کان محروم آهن

ڪراچي شهر ۾ گذريل ٻن مهينن اندر 100 ماڻهن کي قتل، 405 گاڏيون، 9033 موبائل ڦريا ويا

ڪشمور، گهوٽڪي، سکر ۽ شڪارپور سميت سنڌ جي مٿين علائقن ۾ ڀُنگ لاءِ اغوا ڪاروبار جي شڪل اختيار ڪري چڪو آهي

ڪراچي(م د) جماعت اسلامي سنڌ پاران ڪراچي سميت صوبي ۾ وڌندڙ بدامني، اسٽريٽ ڪرائم ۽ ڀُنگ لاءِ اغوا جي وارداتن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي تہ حڪومت شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ جوڳا قدم کڻي.صوبائي امير محمد حسين محنتي جي زير صدارت قباءِ آڊيٽوريم ۾ صوبائي شوريٰ جي رٿيل اجلاس ۾ منظور ٿيل قرارداد ۾ وڌيڪ چيو ويو تہ امن امان جي نالي تي اربين رپيا خرچ ڪرڻ باوجود عوام انصاف ۽ امن کان محروم آهن ڪراچي شهر ۾ گذريل ٻن مهينن اندر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

وفاقي حڪومت توشا خانا جو 2002 کان 2023 تائين رڪارڊ پبلڪ ڪري ڇڏيو

وفاقي حڪومت ڪابينا ڊويزن جي ويب سائيٽ تي توشا خانا جو رڪارڊ اپ لوڊ ڪيو

توشا خانا مان تحفا وصول ڪندڙن ۾ اڳوڻن صدرن، اڳوڻن وزيراعظمن، وزيرن ۽ سرڪاري آفيسرن جا نالا شامل

فهرست ۾ اڳوڻي صدر پرويز مشرف، اڳوڻن وزيراعظمن شوڪت عزيز، يوسف رضا گيلاني، نواز شريف، راجا پرويز اشرف ۽ عمران خان جو نالو بہ شامل

اسلام آباد (م د) وفاقي حڪومت توشا خانا جو 2002 کان 2023 تائين جو رڪارڊ پبلڪ ڪري ڇڏيو وفاقي حڪومت ڪابينا ڊويزن جي ويب سائيٽ تي توشا خانا جو رڪارڊ اپ لوڊ ڪيو آهي. توشا خانا جو 2002 کان 2023 جو 466 صفحن جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: وفاقي حڪومت پاران پبلڪ ڪيل توشا خانا ۾ رکيل تحفا

رمضان جو چنڊ ڏسڻ لاءِ رويت هلال ڪميٽي جو اجلاس پشاور ۾ طلب

اسلام آباد(م د) سموري ملڪ ۾ هڪ ئي ڏينهن روزي لاءِ مذهبي معاملن واري وزارت اهم قدم کڻي ورتو مذهبي معاملن واري وزارت اهم قدم کڻندي رمضان المبارڪ جو چنڊ ڏسڻ لاءِ رويت هلال ڪميٽي جو اجلاس خيبرپختونخواهہ جي صوبائي گادي واري شهر پشاور ۾ طلب ڪري ورتو آهي. موسميات کاتي طرفان اڳڪٿي ڪندي چيو ويو آهي تہ رمضان المبارڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاهور ۾ پي ٽي آءِ جي ريلي: حڪومت قلم 144 لاڳو ڪري رينجرز طلب ڪري ورتي

پاڪستان تحريڪ انصاف جي سربراهہ هڪ ڀيرو ٻيهر اهم ڏينهن تي ريلي ڪڍڻ جو اعلان ڪيو آهي : عامر مير

لاهور ۾ اڄ پي ايس ايل جو هڪ ميچ، 40 ڪلو ميٽر جي ميراٿن ۽ سائيڪل ريس ٿي رهي آهي

لاهور (م د) عمران خان طرفان اڄ ريلي ڪڍڻ جي اعلان کان پوءِ پنجاب حڪومت لاهور ۾ قلم 144 لاڳو ڪري رينجرز کي طلب ڪري ورتو، ريلين ڪڍڻ تي پابندي هوندي.نگران اطلاعات واري وزير عامر مير چيو آهي تہ پاڪستان تحريڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

بارکان واقعو: اغواءِ ۽ قتل جي الزام هيٺ قيد صوبائي وزير عبدالرحمان کيتران آزاد

عدالت ڏهہ مارچ تي قتل ۽ اغوا جي ڪيس ۾ صوبائي وزير جي ڏهہ لک رپين ۾ ضمانت منظور ڪئي هئي

سردار عبدالرحمان کيتران جي ضمانت منظور ٿيڻ کانپوءِ ڪيس ڏهہ لک رپين جي ضمانت عدالت ۾ ڪرائي ڇڏي

جيڪڏهن هو ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ گهربل ناهي تہ ڪيس جيل مان آزاد ڪيو وڃي : عدالتي حڪم نامو

ڪوئيٽا (م د) بي بي گران ناز ۽ سندس ٻارن جي اغوا ۽ اڻڄاتل عورت سميت ٽن ڄڻن جي قتل جي جوابدار بلوچستان جي صوبائي وزير عبدالرحمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

وڏو وزير ڊاڪٽر بڻجي ويو، سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري، مراد علي شاهہ کي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني

ڪراچي (م د) سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ ڊاڪٽر بڻجي ويو سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري، مراد علي شاهہ کي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني.اين اي ڊي يونيورسٽي ۾ اسپيشل ڪانووڪيشن ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزيرن بہ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

فوج جي حاضر سروس ۽ رٽائرڊ آفيسرن جي ڪرپشن جاچ بہ نيب کان ڪرائڻ جو فيصلو

5 جنرلن جي ڪرپشن جي نشاندهي بہ ٿي وئي جن جا فائيل جاچ لاءِ نيب ڏانهن اماڻيا ويندا

چيئرمين هجي ها تہ جنرل ان جي مزاحمت ڪن ها، فوج اندران حوالي سان جاچ شروع ٿي وئي

اسلام آباد(م د) فوج جي ڪرپشن الزام هيٺ آيل حاضر ۽ رٽائرڊ جنرلن جي اثاثن جي جاچ بہ نيب ڪندي. جنرل(ر) نظير احمد بٽ کي نيب چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي پوليس پي ٽي آءِ اڳواڻ ارسلان تاج کي گرفتار ڪري ورتو

ارسلان تاج کي سادا ڪپڙا پهريل اهلڪار فجر محل گلشن اقبال مان سندس گهر مان گرفتار ڪيو

گرفتاري دوران پي ٽي آءِ اڳواڻن جي گهرڀاتين کي بہ حراسان ڪيو ويو

پوليس طرفان راجا اظهر جي گهرڀاتين کي حراسان پڻ ڪيو ويو : پي ٽي آءِ ترجمان

ڪراچي(م د) ڪراچي پوليس تحريڪ انصاف اڳواڻ ارسلان تاج کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پي ٽي آءِ جي ترجمان موجب ارسلان تاج کي سندس رهائشگاهہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: پي ٽي آءِ اڳواڻ ارسلان تاج (فائيل فوٽو)

پي ڊي ايم ٽٽي چڪي آهي: شيخ رشيد

اليڪشن ۾ نہ پر احتساب ۾ ويندي، رات جو خواب ڏسندا آهن

آمريڪا جي اڪيلائي ۽ چين جي ڪاميابي خطي ۾ وڏي خبر آهي

راولپنڊي (م د) عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ شيخ رشيد چيو آهي تہ پي ڊي ايم ٽٽي چڪي آهي، اليڪشن ۾ نہ پر احتساب ۾ ويندي، رات جو خواب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ٺٽي ۾ قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌ دشمن ڊجيٽل آدمشماري مهانگائي خلاف احتجاج

ڀارا شهر کان 12 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ميرپورساڪرو پهچي مين اسٽاب تي ويهي رهيا

ڪامريڊ حبيب الله پليجو علي محمد هولاڻي، جاويد پليجو ۽ ٻين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو

اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي جنهن کي قومي عوامي تحريڪ رد ڪري ٿي: مظاهرين

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌ دشمن ڊجيٽل آدمشماري مهانگائي پاڻي ۽ وسيلن تي ڌاڙي خلاف ڀارا شهر کان 12 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ميرپورساڪرو پهچي مين اسٽاب تي ويهي رهيا جنهن ڪري ڪراچي ٽو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽو: قومي عوامي تحريڪ جو ڊجيٽل آدمشماري خلاف احتجاج

دولتپور واسي واپاري کان مورو ۾ ڦرتيل رقم واپس نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

دولتپورصفن (رپورٽر) 2 ڏينهن اڳ دولت پور جي واپاري کان مورو ۾ ڏينهن ڏٺي جو ڦر ٿيل رقم واپس نه ملڻ خلاف سوين شهري روڊن تي نڪري آيا امن امان بحال نه ٿيڻ خلاف مورو پوليس ۽ نجي بئنڪ خلاف احتجاج ان موقعي تي دولت پورجي واپارين دوڪاندارن ۽ سوين شهرين باب گلن چام کان نيشنل پريس ڪلب دولت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دراني مهر پوليس ٿاڻي جي دڏ پوليس پڪٽ تي 10 کان وڌيڪ هٿيارٻندن پاران چوڪي تي ڪاهه

ٻن پوليس اهلڪارن عبدالغفار وسطڙو ۽ سجاد جکراڻي کي ڌوهارين پاران اغوا بعد آپريشن ڪيو ويو

بڪتربند گاڏين سان دراني مهرجي ڪچي واري علائقي ۾ ڌوهارين گينگ خلاف آپريشن شروع ڪيو ويو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) هڪ ڏينهن اڳ دراني مهر پوليس ٿاڻي جي دڏ پوليس پڪٽ تي ڏهه کان وڌيڪ اڻ ڄاتل هٿيارٻندن ڪاهه ڪري چوڪي تي موجود ٻن پوليس اهلڪارن عبدالغفار وسطڙو ۽ سجاد جکراڻي کي ڌوهارين ٻنهي پوليس جي جوانن کي هٿيارن سميت اغوا تي وڃڻ واري ماسري خلاف ايس ايس پي ڪشمور عرفان سمون جي هدايتن تي پوليس نفري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سنڌ نيشنل پارٽي پاران سهراب ڳوٺ ٽائون ۾ ڌاري آبادڪاري خلاف احتجاجي مظاهرو

جماعت پاران ڊجيٽل آدمشماري ۽ سنڌ دشمني نامنظور ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اڳواڻي چيئرمين رمضان بليدي- نياز بليدي. جاني قلپوٽو. سردار لغاري. رياض بليدي. رفيق مهر ۽ ٻين ڪئي

پناهه وٺي ڪاروبار ڪندڙ افغان پناهگير سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال کي خراب ڪرڻ جا ذميوار آهن: مظاهرين

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهور) سنڌ نيشنل پارٽي پاران سهراب ڳوٺ ٽائون ۾ ڌاري آبادڪاري، ڊجيٽل آدمشماري ۽ سنڌ دشمني نامنظور ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ريلي جي قيادت سنڌ نيشنل پارٽي جي سينيئر وائيس چيئرمين رمضان بليدي نياز بليدي. جاني قلپوٽو سردار لغاري، رياض بليدي رفيق مهر ۽ ٻين ڪئي. ريلي ۾ شريڪ ڪارڪنن جي هٿن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نا منظور نا منظور
سنڌ ۾ ڊجيٽل آدم شماري نا منظور
سنڌ ۾ ڌاريا نا منظور
سنڌ دشمني نا منظور

ڪراچي: سنڌ نيشنل پارٽي جو ڌاري آبادڪاري خلاف احتجاج

خانواهڻ سهارا عظيم فائونڊيشن پاران ورهايو ويو

خانواهڻ (رپورٽر) خانواهڻ سهارا عظيم فائونڊيشن طرفان يوسي خانواهڻ. يوسي ديهات. ۽ آس پاس جي مختلف ڳوٺن جي معذورن ۽ نابين ماڻهن ۾ سامان تقسيم ڪيو ويو خبر موجب خانواهڻ ۽ پسگردائي جي مختلف ڳوٺن جي نابين ۽ معذور عورتن. ٻارڙن. توڙي مردن ۾ سهارا عظيم فائونڊيشن طرفان سامان ورهايو ويو ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

وارهه پ پ شهيد ڀٽو جي وڇڙي ويل اڳواڻ محمد مراد چانڊيو کي اڳواڻن پاران ڀيٽا پيش

پ پ شهيد ڀٽو جي مرڪزي اڳواڻ عنايت عمراڻي، عوامي جمهوري پارٽي جي اڳواڻ ڀيٽا ڏني

جونيئر جاڻ چن، گستا اڳواڻ عبدالهادي چوليائي، وارهه پريس ڪلب جي صدر اياز چانڊيو پاران خطاب

محمد مراد چانڊيو وڇوڙي سياسي خال پيدا ڪيو آهي سندس جدوجهد ڪڏهن به فراموش نه ٿيندي: ساجاهه وند

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه پ پ شهيد ڀٽو جي وڇڙي ويل اڳواڻ محمد مراد چانڊيو جي شخصيت ۽ جدوجهد تي سهيڙيل ڪتاب (آدرشي ۽ مخلص انسان) جي مهورتي تقريب ٿي گذري جنهن ۾ ڪيس پيٽائون ڏيندي ۽ ڪتاب تي ڳالهائيندي پ پ شهيد ڀٽو جي مرڪزي اڳواڻ عنايت عمراڻي، عوامي جمهوري پارٽي جي اڳواڻ حريف چانڊيو، محمد صلاح چانڊيو، ڪتاب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

جيئي سنڌ تحريڪ (ڪرناٽي) مرڪز جي چونڊ، سورهيه سنڌي چيئرمين چونڊجي ويو

مرڪزي اليڪشن يوسف ڪرناٽي ۽ باغي راڄپر جي نگراني هيٺ ٺٽي ۾ ٿي گذريون

سينيئر وائيس چيئرمين مير ساگر سيال، وائيس چيئرمين انور ٻرڙدي، جنرل سيڪٽري قيوم ابڙو چونڊيا ويا

ڊاڪٽر نياز ڪرناٽي، باغي راڄپر، جي ايم ميمڻ، مرتضيٰ مغل، مصري مهر، مير مهر ۽ محمد عمر ڪرناٽي شامل آهن

ٺٽو(ڊ ر) جيئي سنڌ تحريڪ(ڪرناٽي) مرڪز جي چونڊ. سينيئر سياستدان سورهيه سنڌي چيئرمين چونڊجي ويو جيئي سنڌ تحريڪ جي مرڪزي اليڪشن يوسف ڪرناٽي ۽ باغي راڄپر جي نگراني هيٺ ٺٽي ۾ ٿي گذريون. جنهن ۾ ٻن 2 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽو: جيئي سنڌ تحريڪ (ڪرناٽي) گروپ جي چونڊ جو ڏيک

ميرپور ماٿيلو ۾ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال لاءِ 10 جديد ايمبولينسز فراهم

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو سنڌ حڪومت جي ڪمپنين سان معاهدو مطابق ڊي ايڇ ڪيو اسپتال کي 10 جديد ايمبولينس فراهم ڪري ڇڏيون جڏهن ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ ايمرجنسي يونٽ بهي قائم... گمس ايمبولينس گمبٽ جي سربراهي ۾ ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي جون ڪوششن سان 10 ايمبولينس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

جيئي سنڌ محاذ ٺٽو پاران مرڪز جي سڏ تي ڪارڪنن کي جبري طور ڪنيي گم ڪرڻ خلاف احتجاج

ڊجيٽل آدمشماري ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف ضلعي صدر امجد شورو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

مظاهري ۾ شامل ڪارڪنن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ پارٽي جهنڊا کنيل هئا. ڪارڪن زوردار نعريبازي ڪندا رهيا

سنڌ ۾ هٿرادو مهانگائي عوام جو جيئڻ جنجال بڻائي، ڇڏيو آهي، عوام کان ماني گرهه به کسيو پيو وڃي: مظاهرين

ٺٽو(ڊ ر) جيئي سنڌ محاذ ٺٽو پاران مرڪز جي سڏ تي ٺٽي شهر ۾ ماجد حيدري سميت قومي ڪارڪنن کي جبري طور ڪنيي گم ڪرڻ. ڊجيٽل آدمشماري ۽ وڌندڙ مهانگائي خلاف ضلعي صدر امجد شورو. جاويد ناهيو، مرتضيٰ لاشاري، فرهاد چانڊيو، راشد خاصخيلي، ساگر ميراڻي، احمد خشڪ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري ۾ شامل ڪارڪنن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٺٽو: جيئي سنڌ محاذ جو قومي ڪارڪنن جي جبري گمشدگي خلاف احتجاج

ايم ايس او جو نصب العين اسلام جي سربلندي ۽ پاڪستان جو استحڪام آهي: سردار مظهر

حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم اسان سڀني لاءِ بهترين مثالي زندگي آهي: صفدر صديقي

رسول الله صہ کي اپنائڻ صوبائي تربيتي ڪنوينشن جو انعقاد به ان ئي سلسلي جي ڪڙي آهي

مرڪزي ڪوآرڊينيٽر برادر عبدالرئوف، مرڪزي اسسٽنٽ جنرل سيڪريٽري عنايت الله فاروقي شريڪ

نوشهروفيروز (رپورٽ:اسد علي عمراڻي) ايم ايس او پاڪستان شعور ۽ آگاهي جي تحريڪ. فلاح و بهبود جو آواز، ڪردار سازي، يونيفارم تعليمي نظام جي لاءِ عملي ميدان ۾ آهي. ايم ايس او جو نصب العين اسلام جي سربلندي ۽ پاڪستان جو استحڪام آهي. حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم اسان سڀني لاءِ بهترين مثالي زندگي آهي، توهان جي زندگي اسان لاءِ مثالي آهي. عظيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

صوبائي تربيتي ڪنوينشن

راڻيپور شگر مل لڳ ڳوٺ پارو خان راڄپر جي رهواسي جي نينگري نياڻي فوت

ڳوٺ پارو خان راڄپر جي رهواسي اعجاز راڄپر جي 12 ورهن جي نياڻي فوت ٿي وئي

معصوم نيگري ٿڌي تي ئي فوت ٿي وئي نينگري جو لاش گهر پهچڻ تي ڳوٺ ۾ سوڳ

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور شگر مل لڳ ڳوٺ پارو خان راڄپر جي رهواسي اعجاز راڄپر جي ٻارهن ورهن جي معصوم نياڻي روڊ ڪراس ڪندي ٽرڪ جي ٽڪر لڳڻ سبب فوت ،رپورٽ ڳوٺ پارو خان راڄپر جي رهواسي اعجاز راڄپر جي 12 ورهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو باگو لڳ ڳوٺ صاحب ڏنو شاهه ۾ پورهيت لڪاڏنو ملاح جي نينگري فوت

پورهيت لڪاڏنو ملاح جي ٻن سالن جي معصوم نياڻي افسانا ملاح ارڙي وگهي فوت

پورهيت جون 2 نياڻيون 5 سالن جي ياسمين ۽ 7 سالن جي صابره ارڙي جي بيماري ۾ ورتل

ٽنڊو باگو(رپورٽ:سهيل سمون) ٽنڊو باگو لڳ ڳوٺ صاحب ڏنو شاهه ۾ پورهيت لڪاڏنو ملاح جي ٻن سالن جي معصوم نياڻي افسانا ملاح ارڙي وگهي فوت ٿي وئي ۽ سندس 2 نياڻيون 5 سالن جي ياسمين ۽ 7 سالن جي صابره ارڙي جي بيماري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٽنڊو باگو: ارڙي وگهي فوت ٿي ويل پورهيت جي نياڻي جو ڏيک

وارهه پ پ شهيد ڀٽو جي وڇڙي ويل اڳواڻ محمد مراد چانڊيو کي اڳواڻن پاران ڀيٽا پيش

پ پ شهيد ڀٽو جي مرڪزي اڳواڻ عنايت عمراڻي، عوامي جمهوري پارٽي جي اڳواڻ ڀيٽا ڏني

جونيئر جاڻ چن، گستا اڳواڻ عبدالهادي چوليائي، وارهه پريس ڪلب جي صدر اياز چانڊيو پاران خطاب

وارهه (رپورٽر) پ پ شهيد ڀٽو جي وڇڙي ويل اڳواڻ محمد مراد چانڊيو جي شخصيت ۽ جدوجهد تي سهيڙيل ڪتاب (آدرشي ۽ مخلص انسان) /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

مانجهند پرسان انڊس هاءِ وي تي ٻن ڪارن ۾ ٽڪر، عورت فوت، ٻارڙن سميت 7 ڄڻا زخمي

ٻن ڪارن ۾ تيز رفتاري سبب آمهون سامهون ٽڪر جي نتيجي ۾ صفوران ٿڌي تي فوت ٿي وئي

شمائلا ڌي غلام حُسين، 8 ورهين جي سحرش ڌي غلام حُسين، ڪشف ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

مانجهند(رپورٽر) مانجهند پرسان انڊس هاءِ وي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ملير ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ اميدوار استادن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ملير(رپورٽر) ملير ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوار استادن جو آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو هنن چيو ته اسان ڀهريان بن قاسم ٽاؤن ۾ شامل هياسين ان ٽاؤن کي ختم ڪري گڏاپ ٽاؤن ۾ شامل ڪيو ويو اسان 2021 ۾ ٽيسٽ پاس ڪيو هيو ۽ اسان کي ريٽينگ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ميرپور ماٿيلو پرسان پيار جو پڙٿو ڪندڙ ناري ڏينهن ڏٺي جو اغوا

نامعلوم هٿيارٻندن پيار جو پڙٿو ڪندڙ شاهد مهر جي گهر تي چڙهائي ڪئي

اغوا جي اطلاع بعد مهر برادري جا سوين ماڻهو ڳوٺ نواب علي مهر پهچي ويا

ميرپور ماٿيلو(رپورٽ) ميرپور ماٿيلو: عدالت سگهوري ۾ پيار جو پڙٿو ڪندڙ نوجوان ناري ڳوٺ نواب علي مهر مان ڏينهن ڏٺي جو اغوا. نامعلوم هٿيارٻندن پيار جو پڙٿو ڪندڙ شاهد مهر جي گهر تي چڙهائي ڪري سندس گهرڀاتين مٿان تشدد ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

گهوٽڪي ۾ پيپلزپارٽي بابر علي خان لنڊ پاران مختلف جاين تي تعزيتون

صدر مير بابر علي خان لنڊ جا ضلعي گهوٽڪي ۾ سياسي طوفاني دورا ڪيا

رابطا آفيس جي انچارج منظار علي ابڙو سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ ٽوپي پيش ڪئي

گهوٽڪي(رپورٽ لالچند موتواڻي) پيپلزپارٽي ضلعي گهوٽڪي جي صدر مير بابر علي خان لنڊ پنهنجي پارٽي جي عهديدارن سان گڏ مختلف جاين تي تعزيتون ڪيون. ۽ ڪيس مان ۾ ڏنل چانڊ پارٽين ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته نيشنل پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

گهوٽڪي: پ پ اڳواڻ بابر لنڊ مختلف اڳواڻن سان ملاقات ڪري رهيو آهي

گهر ۾ 12 ڀاتي آهي، ڪلو اٽي تي گذارو آهي ۽ مهانگائي ماري ڇڏيو آهي: فقير ڏاڙهون

مهانگائي بابت ستون لکندڙ شهر جو فقرا شاعر فقير ڏاڙهون ڏکايل بيمارين جي ور چڙهي ويو

مالي مدد ڪري منهنجو علاج ڪرايو وڃي ۽ سندس نياڻين جي شادي لاءِ مالي مدد ڪئي وڃي

ٽنڊو باگو(رپورٽ:- سهيل سمون) گهر ۾ آهن ٻارهن ڀاتي ڪلو اٽي تي گذارو آهي. ۽ مهانگائي صفا آهي ماري ڇڏيو پوڙ وٺون يا اٽو وٺون. جهڙيون مهانگائي بابت ستون لکندڙ ٽنڊو باگو شهر جو فقرا شاعر فقير ڏاڙهون ڏکايل بيمارين جي ور چڙهي ويو غربت سبب سندس ٻن نوجوان نياڻين جون شاديون ڪرائڻ کان به مجبور بڻيل آهي بيماري جي بستري تي پيل شاعر ڏاڙهون ڏکايل "سنڌيار" اخبار سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته ڪيس شگر، بلڊ پريشر سميت ٻين بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. هن چيو ته غربت سبب پنهنجي ٻن نوجوان نياڻين جي شادي به ڪرائي نٿو سگهان. بيمار شاعر ڏاڙهون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

غوثپور پرسان نابر ڪوٽ ٿاڻي جي حد جي علائقي سبي شاخ پرسان قتل ٿيل ڊرائيور جي تدفين

35 ورهين جي ٽرڪ ڊرائيور ذاڪر سومرو کي سوين آلين اکين سان شهر جي قبرستان ۾ دفنايو ويو

معززين- سول سوسائٽي جي اڳواڻن رئيس سڪندر سومرو، رئيس گلن سومرو ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ ٿيا

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور غوثپور پرسان نابر ڪوٽ ٿاڻي جي حد جي علائقي سبي شاخ پرسان اڻ ڄاتل هٿيارٻندن جي فائيرنگ ۾ مارجي ويل پنجٽيهن ورهين جي ٽرڪ ڊرائيور ذاڪر سومرو کي سوين آلين اکين سان شهر جي مقامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

غوثپور: هٿيارٻندن هٿان مارجي ويل ڊرائيور جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

نوشهروفيروز ۾ اسٽوڊنٽس ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران سيلف اسيسمينٽ جا ايوارڊ تقسيم

تدريسي سرگرمين وڌائڻ ۽ خوداعتمادي پيدا ڪرڻ لاءِ سيلف اسيسمينٽ ٽيسٽ جي تقريب ٿي

بهترين بزنس، قانون جي مهارت سميت سماجي سڌار لاءِ اصول اپنائڻ جي ضرورت آهي: عاشر مسعود مهر

انهن شاگردن کي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا جن محنت ڪري ايوارڊ حاصل ڪيا: نور محمد جلباڻي، عبدالنويد جکرو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) اسٽوڊنٽس ويلفيئر آرگنائيزيشن سنڌ ڪاهي ممن پاران نور محل هال نوشهروفيروز ۾ ضلعي جي سمورن اسڪولن جي شاگردن ۾ علمي ۽ تدريسي سرگرمين وڌائڻ ۽ خوداعتمادي پيدا ڪرڻ لاءِ سيلف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

CONFERENCE

نوشهروفيروز: اسٽوڊنٽس ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران ڪرايل تقريب جو ڏيک

تلهار جي رهواسين پاران زمين تي مبينا قبضي ۽ ڌمڪين خلاف احتجاجي مظاهرو

بدين (رپورٽر) تلهار جي رهواسين پاران زمين تي مبينا قبضي ۽ ڌمڪين خلاف نيشنل پريس ڪلب بدين آڏو احتجاجي مظاهرو مخالف ڌر هٿيارن سان اسان جي زمين تي ٻيٺل آهن قبضو ڪرڻ چاهين ٿا: بيواهه مسمات بجان ايس ايس پي بدين، ايس ايڇ او تلهار کان مطالبو ٿا ڪريون ته انهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي تفصيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪراچي جي علائقي پراڻي سبزي منڊي ويجهو هندو برادري طرفان هولي ملهائي وئي

وزير جي خاص مددگار ويرجي ڪولهي-سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي جي شرڪت

سياري جي مند کي الوداع چئي بهار جي موسم کي اجيان ڪري هي رنگن ڀريو ڏهاڙو ملهائيندا آهيون: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي پراڻي سبزي منڊي ويجهو هندو برادري طرفان هولي جو ڏڻ مذهبي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو هولي واري تقريب ۾ وڏي وزير جي خاص مددگار ويرجي ڪولسياسي ۽ سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ۽ ٻين شرڪت ڪري هڪ ٻئي کي رنگ هڻي محبت جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر شام سندر کي آڏواڻي ويرجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

پرياسٽي پرسان ڳوٺ دين محمد ڪرهر واسي ڳوٺاڻن پاران بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ دين محمد ڪرهر واسي دوست محمد ڪرهر پنهنجي پيرسن امڙ ۽ ٻين سان گڏ احتجاج ڪيو

شير محمد ڪرل ۽ ٻين منهنجي زرعي زمين جو غير قانوني طور واٽر ڪورس بند ڪري ڇڏيو آهي: الزام

لکت ۾ مون وٽ موجود آهي ان باوجود به بااثرن غير قانوني طور واٽر ڪورس بند ڪري ڇڏيو آهي: ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پرياسٽي پرسان ڳوٺ دين محمد ڪرهر واسي ڳوٺاڻن دوست محمد ڪرهر پنهنجي پيرسن امڙ ۽ ٻين سان گڏ بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف سخت احتجاج ڪندي ٻڌايو ته بااثرن شير محمد ڪرل - وزير- رانجهڻ. عبدالجبار. نيڪ محمد. سبحان. ۽ رويز ڪرل منهنجي زرعي زمين جو غير قانوني طور واٽر ڪورس بند ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب منهنجو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

پرياسٽي: ڳوٺ دين محمد ڪوهر واسي بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سامارو ۾ خاصخيلي اتحاد جي ڊويزنل اڳواڻ ۽ سندس سئوٽ کي گرفتار ڪرڻ خلاف مظاهرو

سامارو (رپوٽر) سامارو خاصخيلي اتحاد جي ڊويزنل اڳواڻ ۽ سندس سئوٽ مال جي واپاري کي سامارو پوليس پاران 5 ڏينهن اڳ ملي ۾ شادي جي دعوت تان واپسي موٽندي ٽنڊو ڪوٽ مان گرفتار ڪرڻ واري واقعي ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف خاصخيلي برادري ۽ واپارين جو چوٿين ڏينهن به پريس ڪلب سامارو آڏو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سنڌ جي يگاني ڪردار، قومي ۽ انقلابي شاعر ماما جمن دربدر جي وڇوڙو خال قرار

سنڌو درياءَ جي فطري وهڪرن کي بند ڪري ڊيم ٺاهڻ، ڊجيٽل آدمشماري خلاف احتجاج

وفادار سائي، قومي شاعر ماما جمن دربدر جي نانءُ ڪينجهر ڪنڌي تي تقريب منعقد ڪئي وئي

جمن دربدر آزادي ۽ خودمختياري جي لاءِ پيرين پنڌ ڪري شاعري وسيلي ماروئڙن ۽ قوم کي جاڳايو

ٺٽو(ڊ ر) سنڌ جي علمي، ادبي، سياسي، سماجي شخصيتن سنڌ جي يگاني ڪردار، قومي ۽ انقلابي شاعر ماما جمن دربدر جي وڇوڙي کي خال قرار ڏيندي چيو آهي ته سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ، سنڌو درياءَ جي فطري وهڪرن کي بند ڪري ڊيم ٺاهڻ، ڊجيٽل آدمشماري ۽ ڌارين آبادڪاري خلاف منظم ۽ سگهاري جدوجهد هلائڻ جي ضرورت آهي "پنهنجن جي سٿ" پاران/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران ملڪ ۾ وڌندڙ پيٽرول جي قيمتن ۽ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف احتجاج

پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو ۽ يوٿ شهيد ڀٽو طرفان ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو

محمد علي ميرجت صلاح الدين چاچڙ ڊاڪٽر رئوف مغيري جاويد سومرو محمد خان يوسفي شريڪ ٿيا

پاليسين سبب ملڪ جو غريب پورهيت عوام فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور بڻيل آهي: مظاهرين

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران ملڪ ۾ وڌندڙ پيٽرول جي قيمتن ۽ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو ۽ يوٿ شهيد ڀٽو طرفان ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪراچي: پ پ (ش ڀ) جو مهانگائي خلاف احتجاج

جهڏو ۾ صحافي سوشل ورڪر عبدل رحمان جروار تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف مظاهرو

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ صحافي سوشل ورڪر عبدل رحمان جروار تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف مختلف سياسي سماجي صحافتي ڌرين پاران احتجاجي مظاهرو. سماجي ٻراين خلاف چٽي نعريبازي. صحافي تان ڪوڙو ڪيس ختم ڪرڻ جو مطالبو جهڏو جي صحافي ۽ سوشل ورڪر عبدل رحمان جروار تي ڪيس داخل ڪرڻ خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

گمبٽ شاهي بازار جي هوٽل مالڪ غلام حسين چانگ جي حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

شاهي بازار جي دڪاندارن ملڪ ڪٻاڙي برادري جي خلاف پريس ڪلب گمبٽ آڏو مظاهرو ڪيو

سهيل احمد حميد علي رميز نصير فهيم ۽ ٻين منهنجي مٿان حملو ڪري زخمي ڪيو آهي: دڪاندار

ملڪ برادري جي هوٽلن وارن سان گنڊا گردي بند ڪئي وڃي نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين: ڳالهيون

گمبٽ (رپورٽ عبدالحد شيخ) شاهي بازار جي هوٽل مالڪ غلام حسين چانگ جي حملي خلاف شاهي بازار جي دڪاندارن ملڪ ڪٻاڙي برادري جي خلاف پريس ڪلب گمبٽ جي سامهون احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندڙ. بازار جو صدر علي محمد ڪاچلو جند جامڙو محمد جمن جامڙو امجد علي ميمڻ قادر بخش ميمڻ ارشاد ميمڻ منير احمد ٿيٻو ۽ ٻيا جڏهن ته متاثر غلام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

گمبٽ: هوٽل مالڪ تي ٿيل حملي خلاف واپاري اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

خانپورمهر ويجهو شگر مل انتظاميا پاران ڪارونارو ۾ زهريلو پاڻي ڇوڙ ڪرڻ سبب مڇي مري وئي

انتظاميا پاران ڪارونارو ۾ زهريلو پاڻي ڇوڙ ڪرڻ سبب هزارين مڻ مڇي مري وئي، ڳوٺاڻن جو احتجاج

ڪارونارو ۾ زهريلو پاڻي داخل ٿيڻ سبب مڇي سان گڏ ڪيترائي چوپايو مال مري ويو آهي: مظاهرين

ڳوٺاڻن منظور احمد، محمد شريف، جاويد مهر، جاڙو ميراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ويجهو شگر مل انتظاميا پاران ڪارو نارو ۾ زهريلو پاڻي ڇوڙ ڪرڻ سبب هزارين مڻ مڇي مري وئي. ڳوٺاڻن جو احتجاج. خبرموجب خانپورمهر ويجهو شگر مل انتظاميا پاران ڪارو نارو ۾ زهريلو پاڻي ڇوڙ ڪرڻ سبب هزارين مڻ مڇي مري وئي آهي. جڏهن ته ڪارو نارو ۾ زهريلو پاڻي داخل ٿيڻ سبب مڇي سان گڏ ڪيترو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12



*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي*** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

ايڊيٽر:
اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

سومر 13 مارچ 2023ع

سعودي- ايران سفارتي لاڳاپن جي بحاليءَ ڏانهن وڌندڙ وک

اسلامي دنيا جي ٻن اهم ملڪن سعودي عرب ۽ ايران ۾ 2016ع ۾ سعودي عرب جي تهران سفارتخاني تي حملي کانپوءِ ختم ٿيل سفارتي لاڳاپا بحال ٿيڻ جي اميد پيدا ٿي آهي. ٻئي ملڪ سفارتي لاڳاپن تي رضامند ٿيا آهن. جن جي ٻن مهينن اندر بحاليءَ جي اميد ڪئي پئي وڃي. چين جي ٽياڪڙيءَ ۾ ٿيل ان وڏي اڳڀرائيءَ کانپوءِ ٻنهي ملڪن جي پرڏيهي معاملن وارن وزيرن جي سڌي ملاقات ٿيندي. گڏيل قومن واري اداري جي سيڪريٽري جنرل سميت مختلف عالمي اڳواڻن طرفان خطي جي امن جي حوالي سان ٿيل ان تمام وڏي پيش رفت کي ساراهيو پيو وڃي.

سوويت يونين جي ٽٽڻ کانپوءِ آمريڪا هن دنيا جو واحد سپر پاور بڻجي ويو. جنهن پنهنجن مفادن خاطر ڪڏهن تاريخ ۾ عروس البلاد جي سڃاڻپ سان موجود بغداد سميت سڄي عراق جي سڪي ستابي تهذيب کي ڪنڊرن جي ڍير ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ته ڪڏهن وري نيٽو اتحادين جي "ست بگهاڙي" سان گڏجي افغانستان جي جبلن کي ڪنهن جنڊ آهوڙي جيان ميزائلن سان ڇچريندو رهيو. ڪڏهن آمريڪا دهشتگرديءَ خلاف جنگ جي نالي ۾ پنهنجن مفادن جي جنگ لاءِ مختلف ملڪن کي مجبور ڪندو رهيو. آمريڪا جي انهن ئي خطي جي توانائيءَ جي ذخيرن تي قبضي واري مشن ۽ ذهنيت جو شڪار ايران پڻ ٿيو. جيڪو اڃان تائين پابندين کي ڀوڳي رهيو آهي. سعودي عرب سان ڇڪتاڻ هن خطي ۾ ايران کي وينتر اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي. نه صرف آمريڪا ايران کي اقتصادي پابندين سان سوڙهو ڪري ان کي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو. پر اسرائيل کي هُشي ڏئي ايران کي حملن جي خطري هيٺ آڻي ڇڏيو ٻئي طرف سعودي عرب ۽ ايران جي اختلافن به آمريڪا ۽ اسرائيل کي راهون سهل ڪري ڏنيون. ان حقيقت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي ته سعودي عرب ۽ ايران جي اختلافن سان رڳو انهن ٻن ملڪن کي نقصان نه پهتو پر، مسلم دنيا ٻن "مسلڪي بلاڪن" ۾ ورهائجي وئي. شام هجي يا عراق، يمن هجي يا لبنان، انهن ٻنهي ملڪن جي مفادن جي جنگ مختلف خطن ۾ وڙهي پئي وئي. ٻئي طرف چين کي پڻ جيڪي خطرا هئا، جنهن لاءِ ان ضروري سمجهيو ته ترڪيءَ سميت مختلف ملڪن مان جيڪي ويڙهاڪ چين خلاف ڪارروايون ڪرڻ لاءِ آتا آهن، انهن تي، جيڪي سعودي ۽ ايران جي ڏاڍي ڦيٽي ۾ ٿي سگهن ٿا، اثر وجهجي. ائين به ڪونهي ته سفارتي لاڳاپا قائم ٿيڻ سان ٻئي ملڪ کير کنڊ ٿي ويندا، پر اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته خطي ۾ جٽادار امن جا امڪان پيدا ٿي سگهن ٿا، جنگ جي خطري وارا ڪارا ڪڪر ختم ٿي سگهن ٿا. غير يقينيءَ جي فضا ختم ٿيڻ جي اميد جو روشن سج ايرندو. ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته سعودي عرب ۾ سعودي قيادت جي قدمن سان تبديليءَ جي سيباڻجندڙ هير گهُلي آهي ۽ ايران ۾ تازن احتجاجن به شايد ايراني قيادت به اهو محسوس آهي ته، پابندين جي کوهه ۾ زندگي گذاري نٿي سگهجي. ٻي ڳالهه اها ته جڏهن عرب ملڪ اسرائيل سان سفارتي لاڳاپا قائم ڪرڻ کي خراب نٿا سمجهن ته پوءِ ايران آخر ڪهڙي اربع خطا ڪئي آهي. جو ان کي نيڪالي ڏجي؟ ايران سان سفارتي لاڳاپا منقطع ٿيڻ سان به ايران لاءِ مشڪلاتون وڌيون. ايران ۽ سعودي عرب جي سفارتي لاڳاپن لاءِ رضامنديءَ واري اڳڀرائيءَ کي اسان تحسين جي نگاهه سان ڏسون ٿا. اسان سمجهون ٿا ته، خطي ۾ جٽادار امن لاءِ ٻنهي ملڪن وچ ۾ بهتر لاڳاپا جٽادار امن لاءِ ضروري آهن. ان سان ايران جي اڪيلاپ به ختم ٿيندي ۽ اسلامي دنيا ۾ ان بنياد تي ٿيل واضح صفبندي به پڇاڙيءَ ڏانهن وک وڌائيندي. ٻئي ملڪ پاڪستان جا برادر ملڪ آهن. انهن جي وچ ۾ بهتر لاڳاپا پاڪستان جي پڻ مفاد ۾ آهن.

سنڌ جي نرالي سرجڻهار ۽ ڳائڻي

مائي بيگم فقيرياڻي جي سار .....

سنڌ جي هڪ مشهور ۽ پنهنجي منفرد انداز واري فنڪاره مائي بيگم فقيرياڻيءَ 12 مارچ 1915ع تي هارون فقير ميربحر جي گهر ۾ جنم ورتو، سندس والد به فقير منش ماڻهو هو. سندس ڪرت ٻتيلو هلائڻ، مڇي مارڻ ۽ پنهنجي مرشد هنباهه جي درگاهه تي حاضري ڏيڻ ۽ مٽيون پرڻ هو. ساڳي ڪرت بيگم فقيرياڻي به شروع ڪئي. اتان ئي ڪيس فيض مليو ۽ سڄي زندگي فقيري ۾ گذاريائين، هن ئي درگاهه کان ڳائڻ شروع ڪيائين، سندس لاڙو عارفاڻي ۽ صوفي شاعري ڏانهن هو. ان وقت لونگ فقير (غلام علي سنڌيلي جو والد)، سهراب فقير، گلشن زنگيجو، گل حسن فقير تر جا مڃيل فنڪار هئا. مائي بيگم فقيرياڻي نه صرف پنهنجي پاڻ کي مڃرائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي پر انهن سان گڏ سنگ ۾ ڳائيندي هئي، بيگم فقيرياڻي فنڪاره کان سواءِ سٺي شاعره به هئي، مائي صاحبه ريڊيو پاڪستان کان سواءِ مختلف ڪئسٽ ڪمپنين وٽ به رڪارڊنگ ڪرائي. سندس مشهور ڪلامن ۾ جيڏيون جانب سان دل منهنجي آهي. جوڳي ٿا جاڳن. ڏوران ٿا ڏسجن. ڪير ڪشالا ڪري. پٽ نه پنهوار، دنيا جا تونگر هڪ پاسي وغيره شامل آهن. مائي بيگم فقيرياڻي پنهنجي اولاد جي به سٺي تعليم ۽ تربيت ڪئي. سندس پٽ پروفيسر درگاهي ميراڻي سنڌ جو سٺو ليکڪ ٿيو. سندس پوٽو اختر درگاهي به سٺو ليکڪ. شاعر ۽ فنڪار آهي، ان پنهنجي ڏاڏي مائي بيگم فقيرياڻي جي سوانح عمري "حال فقيري" جي عنوان سان لکي آهي. مائي صاحبه 13 اپريل 1987ع تي هي جهان ڇڏيو.

** مائي بيگم فقيرياڻي روهڙي شهر جي فنڪار گهراڻي سان واسطو رکندي هئي ۽ سنڌ جي ناميارِي ڳائڻي هئي. سندس جنم 1915ع ۾ ٿيو. مائي بيگم کي "پٽ ڏٺيءَ جي فقيرياڻي" يا "لطيف جي فقيرياڻي" سڏيو ويندو آهي. اڪثر پٽ جي درگاهه تي ويندي رهندي هئي. انهيءَ محبت ۾ هن پنهنجو ڪلام پڻ چيو هو. سندس ڪي ڪافيون، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب ڏنل ڪافين جي ڪتاب ۾ شامل آهن. بيگم فقيرياڻيءَ مائي غلام فاطمه موچياڻيءَ جي هيءَ ڪافي ڪمال گائڪيءَ سان ڳائي هئي، جيڪا سندس سڃاڻپ بڻجي وئي، "محبت وڏي آهيان مامري، نه ته ڪير ڪشالا ڪري!"

بيگم فقيرياڻيءَ پنهنجو فني ورثو پنهنجي پٽ ناميارِي شاعر، استاد ۽ فنڪار درگاهي ميراڻيءَ ڏانهن منتقل ڪيو ۽ هن وقت سندس پوٽو اختر درگاهي نئين ٽهيءَ جو سٺو شاعر ۽ سريلو فنڪار آهي. بيگم فقيرياڻيءَ جي وفات 13 اپريل 1987ع ۾ ٿي.

* مائي بيگم فقيرياڻي(1915_1987) سنڌ جي مشهور فنڪار شاعرجنهن کي سنڌ جي ميران بائي ،سنڌ جي ڪوئل به سڏيو ويندو هو پني عاقل تعلقي جي نوراجا يونين ڪائونسل ۾ مشهور ڳوٺ رضا ڳوٺ ۾ جائي اختر درگاهي جو سندس پاڳوند پوٽو آهي سندس ولادت جو هنڌ رضاڳوٺ ،عزيز پور جي سڏپنڌ تي عبدالله شا ڏِنڊ تي هارون جي پٽڻ جاٽايو آهي ،سندس والد هارون فقير هنباه جي بذرگن جو طالب ۽ صوفي هو والد مائي موليڏني پنهواري جي بزرگ عالم سائين تاج محمود امروٽي جي استاد مولانا عبدالقادر انڊڙ جي مدرسي ۾ وڻس پڙهي هئي جنهن جي والد بيگم اول نامور صاحب تصوف شاعر مائي فاطمه لال جي محبوب سنگتياڻي هئي بيگم فقيرياڻي کي علم ودانش،راڳداري تصوف،نياز نئڙت ۽ شاعري جي سٽي نندي لاکون پيل هئي هنباه جي درگاهه جو ويراڳ ۽مائي فاطمه لال جا آلاپ سندس ڪنن تي ننڍپڻ ۾ ٿي هريا ،سندس شادي پنهنجي سوٽ واحد بخش ساڪن ستين جي آستان روهڙي ميانٽي سان ٿي ،هن راڳ جي باقائد بسم الله ڳوٺ ڪتا لڳ سانگي مائي فاطمه لال جي بيٺڪ جي ٽلهي تان ڪئي ۽ پوءِ سندس آواز جي گونج سڄي سنڌ ۾ تادم گونجندي رهي هن سڄي عمرلطيفي لباس يعني ڪاري سوءِ واري لباس ۾ گذاري پٽائي درگاهه سان سندس وابستگي مثالي آهي خاص طورسائين شير،سائين محمد جوڙيو،غلامحيدر پٽائي ۽مثل سائين سان ان ڪري ڪيس پٽائي جي فقيرياڻي چيو ويندو آهي ڪيس هڪ ئي وقت مائي غلام فاطمه لال،پٽائي پيرسائين شير،داتا ولايت شاهه،داتا بگن شاهه جو فيض ۽دعا مليل هئي هن کي اعزاز حاصل آهي ته مائي فاطمه لال جي شاعري کي عام ڪيائين پاڻ به وڏي شاعر هئي سندس ڪيئي ڪافيون مشهور آهن جيڪي پاڻ ٿي ڳايون آڻائين ،پروفيسر درگاهي ميراڻي (شاعر،گائڪ) گل حسن گل فقيرفنڪار سندس پٽ ۽ مشهور شاعر ليکڪ گائڪ اختر درگاهي سندس پوٽو آهي اختر سندس شاعري ۽سوانح تي حال فقيري نالي ڪتاب لکيو ۽ مرتب ڪيو آهي،هيٺ نموني خاطر سندس ڪن ڪافين جا ڪجھ بند ڏجن ٿا

1سڀ ڪجھ آهي جهان ۾
چاهي منهنجوچاهي ڙي سرتيون
آيس اڪيلي ويندس اڪيلي
لاڳاپا سڀ لاهي ڙي سرتيون
فاذڪروني اذڪرڪم
سرجو سانگو ساهي ڙي سرتيون
الانسان سري وانا سر
سر کي سجدو آهي ڙي سرتيون
بيگم جنهن جي آسري
سو مرشد منهن نه مٽائي سرتيون

2ڏني دل مون توکي،وفادار سمجهي
ڇڏي وڃ نه مون کي گنهگارسمجهي
هيڏ جا دغائي آڳ ته ٻڌائين ها
محبت جو ناتو،مون سان نه لائين ها
ڇني وئين تون ناتو نادار سمجهي
اها حسن جواني ڪڏهن ڪم نه ايندءِ
مون وانگر دلڙي ڪٿي ڪونه ڏيندءِ
بيزار ٿي وئين بيڪار سمجهي
بيگم جا سائين ڪر ڪا سٽائي
مرشد منهنجا هوت هنباهي
پرين ڪر تون پنهنجو طلبگارسمجهي

صوفِيءَ سيرُ سِين ۾، جِئَن رڱن ۾ ساهَ؛
سا نه ڪري ڳالهڙِي، جِئَن پويون پروڙي پساهَ؛
آهِس اِيُ گناهَ، جي ڪا ڪَري پَڌِري

عمران خان ۽ ملٽري اسٽيبلشمينٽ وچم جنگ ڪٿي دنگ ڪندي؟

دلشاد ڀٽو

جڏهن عمران خان اعلان ڪيو ته هو سعودي عرب ۽ ايران وچم ٽياڪڙي ڪرائڻ لاءِ تيار آهي ته سندس ناقدين ڪليا پئي ته عمران خان جي ڪهڙي حيثيت آهي؟ پيو پينو ملڪ جيڪو سڄي عمر سعودي جي خيرات، زڪوات ۽ فطرن تي هليو اهو ڪيئن ناهه لاءِ سعودي ۽ ايران کي راضي ڪندو يوڪرين جنگ دوران روس جو دورو ۽ روس سان ٻيهڻ عمران خان جو سوچيم سمجهيل ۽ آمريڪي امڪاني ردعمل کي سمجهي عمران خان دورو ڪيو هو.افغانستان ۾ طالبان حڪومت جنهن جو عمران خان حامي رهيو اها به آمريڪا کي تڪليف هئي.ان ۾ Absolutely Notپنيان پيا به عوامل هئا جيڪي عمران خان کي آمريڪا آڏو ناپسنديد شخصيت Persona non grataظاهر ڪن پيا. پاڪستان ملٽري جا ميجر کان ٿري ۽ فوراسٽار جنرل برطانيه ۽ آمريڪا جي اڪيڊمين مان پڙهن ۽ تربيت وٺن ٿا تنهنڪري پاڪستاني فوج آهي ٿي آمريڪا ۽ برطانيه جي.دنيا ۾ جتي به پراڪسي جنگ Proxy Warيا سڌي جنگ ٿيندي آهي اتي پاڪستاني فوج کي استعمال ڪيو ويندو آهي. تنهنڪري اسان واري فوج کي ڪرائي جي فوج چيو ويندو آهي.هي اها فوج آهي جنهن ڪعبته الله تي به گوليون هلايون. بينظير ڀٽو،نواز شريف، زرداري ڪير به وزيراعظم ٿئي پر اهو آمريڪا. برطانيه سعودي ۽ عرب ملڪن جي آشيرواد کانسواءِ اقتدار ۾ اچي نه سگهندو.باقي اليڪشنون رڳو فارملٽيز آهن.ملڪ جا اهڙا صدر ۽ وزيراعظم ٿيا جن جو شناختي ڪارڊ به پاڪستان جو نه هو.ٽيليفون ڪال تي حڪومتون ڊهنديون ۽ ٺهنديون آهن. گهڻن جا سر چٽ ٿي ويا. تاريخ ۾ پهريون دفعو چريو ڦاٽوڙو دهل لالو آمريڪا ۽ ملٽري اسٽيبلشمينٽ کي ڳچي ۾ ڦٽ ٿي ويو آهي. مارايائونس بچي ويو.ڪيس ڪن ٿا تڏهن به يچي نٿو لالو پل دلير هجي يا ڪيس عوامي مقبوليت هجي پر اهو نه وسارڻ گهرجي ته عالمي اسٽيبلشمينٽ مطلب روس،چائنا ۽ ڪجھ ٻيا ملڪ به لالي سان گڏ آهن تڏهن ئي آمريڪا ۽ پاڪستاني اسٽيبلشمينٽ تي ڳجي ۽ برسي ٿو هاڻ جڏهن چائنا جي سرپنجي ۾ سعودي عرب ۽ ايران پنهنجا سفارتي تعلقات بحال ڪيا آهن ته انجو پاڪستان تي به اثر پوندو ۽ لازمي طور چائنا ۽ روس آمريڪا ۽ يورپ خلاف نئين صف بندي ڪندا ۽ نئين صف بندي ۾ پاڪستان جو ڪردار اهم آهي توڙي جو پاڪستان سڄو ۽ معاشي طور تباهه ملڪ آهي. پر جاگرافيائي لحاظ کان خاص اهميت به رکي ٿو آمريڪا وٽ پاڪستان کي چنبي ۾ رکڻ ۽ پاليسين تي عمل ڪرائڻ لاءِ پاڪستاني فوج کانسواءِ ڪو ذريعو نه آهي. چاڪاڻ ته سمورا پاڪستاني سياستدان فوج ۽ ايجنسين آڏو ڪا حيثيت نٿا رکن.هاڻ جيڪو روز عمران خان ياشن ڏئي ٿو ته فوج ۽ آمريڪا جي غلامي مان نڪرو انجو منطق آهي.مطلب پاڪستان کي چائنا ۽ روس سان ٿي ٻيهٽو آهي.ٻنهي ملڪن وٽ عمران خان کان وڌيڪ ڪو به آپشن نه آهي.هوڏانهن ملٽري اسٽيبلشمينٽ ۽ سندس پپيٽ Puppetليڊرشپ آخري حد تائين وڃي عمران خان کي ڪچلڻ جي تگ و دو ۾ آهي.مستقبل قريب ۾ خبر پوندي ته ڪير ٿو دسي پر وڌيڪ امڪان آهي ته عمران خان کي سوڀ ملندي.

---

01 *** بقايا

آهن. عمران خان چيو ته صرف زمان پارڪ کي ڪنٽينر ۽ پوليس جي وڏي نفري گهيرو ڪري رکيو آهي. هن چيو ته جڏهن چونڊ شيڊول جو اعلان ڪيو ويو آهي ته پوءِ چونڊ سرگرمين تي قلم 144 ڪيئن لڳائي سگهجي ٿي. مان سمورن پي ٽي آءِ ڪارڪنن کان درخواست ڪريان ٿو ته هو هن چار ۾ نه ڦاسن. اسان ان لاءِ ريلي سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهيان کان اڳ لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پي ٽي آءِ اڳواڻ حماد اظهر چيو ته اسان جي عمران خان سان ڳالهه ٻولهه ٿي آهي، سندس حڪم موجب اڄ اعلائيل ريلي کي ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪريون ٿا. حماد اظهر چيو ته ريلي سڀاڻي يا بعد ۾ به ٿي سگهي ٿي. اسان پرامن چونڊون ۽ پرامن اقتدار چاهيون ٿا. شهر جي روڊ رستن کي کوليو وڃي. هن چيو ته اسان کي پٽ سان لڳايو پيو وڃي اسان آئين ۽ قانون جو رستو ناهي ڇڏيو. زمان پارڪ ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي شاهه محمود قريشي چيو ته قلم 144 جو لاڳو صرف تحريڪ انصاف جي لاءِ آهي هي فساد چاهين ٿا ،اسان پرامن چونڊون چاهيون ٿا. هي رتوڇاڻ چاهين ٿا ۽ اسان پرامن ريلي ڪڍڻ چاهيون ٿا. اسان هميشه صبر کان ڪم ورتو آهي. شاهه محمود قريشي چيو ته اسان اڄوڪي ريلي سڀاڻي ملتوي ڪري ڇڏي آهي. حڪومت جو چوڻ آهي ته پي ايس ايل سبب قلم 144 لاڳو ڪيو آهي. اسان هن وقت واپس وڃي رهيا آهيون پر رات جو ٻيهر جمع ٿينداسين.

02 *** بقايا

کي هٽي وڃائڻ تي زور ڏنو ۽ طاقت جي استعمال تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو.سندس چوڻ هو ته پاڪستان ۽ اختيارين کي اظهار جي آزادي کي يقيني بڻائڻ گهرجي. هن ظل شاهه جي موت ۽ ارشد شريف جي قتل جي شفاف جاچ جو به مطالبو ڪيو

03 *** بقايا

پوءِ سياسي حڪمت عملي به جوڙينداسين. ڪراچي ۾ رونقون بحال ڪرايون آهن. اليڪشن ڪميشن ڪراچي ۾ مڪاني چونڊن جا روڪيل نتيجا جاري ڪري. ڪراچي جو ميئر پيپلز پارٽي جو ئي هوندو. سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. وڏي وزير چيو ته آدمشماري بابت احسن اقبال کي به خط لکيو هو. اسان اهڙي آدمشماري چاهيون ٿا جنهن تي ڪنهن کي به اعتراض نه هجي. وڏي وزير وڌيڪ چيو ته ملڪ هن وقت شديد مالي بحران مان گذري رهيو آهي. هڪ شخص جي چوڻ تي اسيمبليون ٽوڙيون ويون. اسان سياسي ماڻهو آهيون، چونڊن ڏانهن ضرور وينداسين. آڪٽوبر ۾ قومي اسيمبلي جون چونڊون ٿيڻيون آهن. جڏهن قومي اسيمبلي جون چونڊون ٿينديون ته پنجاب ۾ به سياسي حڪومت هوندي. هن چيو ته عدالتن کي آئيني بحران کي ڏسڻ گهرجي. عدالتن جا فيصلا ڪڏهن ڪڏهن ميڊيا جي دٻاءَ تي به ڪيا ويندا آهن. وڏي وزير وڌيڪ چيو ته اخلاق کان ڪريل ڳالهيون ڪرڻ جو رواج پي ٽي آءِ وڌو آهي. سنڌ ۾ سڀ محبت سان رهندا آهن. الزام لڳائڻ جي سياست ۾ نه هلندي. پرامن احتجاج سڀني جو حق آهي. پيار، محبت سان جيڪو ڪجھ ڳالهائيندو انکي جواب ڏنو ويندو. ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت نه ڏينداسين.

04 *** بقايا

ڊاڪٽرائن ۽ ڪڏهن جج هر خيال ٿي ويندا آهن. هن چيو ته حڪومت جو ڪم پوليس اسٽيشن ۽ ڪورٽ هلائڻ آهي. پيٽرول پمپ هلائڻ ناهي. مصطفيٰ نواز کوکر چيو ته ملڪ ۾ معاشي بحران آهي. اسان سريلنڪا ناهيون. ملڪ جو ڏيوالو ٿيو ته هتي ماڻهو باهيون ڏئي ڇڏيندا. هتي سڀني وٽ هٿيار بند جٿا آهن. اسان کي نفرتون ختم ڪرڻيون آهن.

05 *** بقايا

جي سيٽن تي ٿيندڙ ننڍيون چونڊون ملتوي ڪري ڇڏيون. خيبرپختونخواهه ۾ قومي اسيمبلي جي 24 تڪن ۽ اسلام آباد مان قومي اسيمبلي 3 تڪن ۾ ننڍيون چونڊون ملتوي ڪيون ويون آهن. اليڪشن ڪميشن موجب اهڙي طرح بلوچستان جي قومي اسيمبلي جي هڪ سيٽ ۽ سنڌ جي قومي اسيمبلي جي 8 تڪن ۾ ننڍيون چونڊون ملتوي ڪيون ويون آهن. اليڪشن ڪميشن چيو آهي ته عدالتي فيصلن جي روشني ۾ ننڍيون چونڊون ملتوي ڪيون ويون آهن. ياد رهي ته اليڪشن ڪميشن طرفان ننڍيون چونڊون 16 ۽ 19 مارچ تي ڪرائڻ جو شيڊول پڻ جاري ڪيو ويو هو

06 *** بقايا

.ناميارِي صحافي ابصار عالم پنهنجي ڪالم ۾ انڪشاف ڪيو آهي ته ان دور ۾ هڪ اينڪر بتول راجپوت عمران خان کان انٽرويو ڪيو جنهن ۾ هن اهڙا سوال ڪيا جو عمران خان کي ڪاوڙ لڳي ۽ اينڪر بتول راجپوت کي بيروزگار ڪرايو ويو. ان دوران ڪرنل (ع) بتول راجپوت کي آڇ ڪئي ته هوءَ صحافي سليم صافي سان ويڇهڙائي ڪري ۽ ان سان هڪ وڊيو ريڪارڊ ڪرائي ته تمام وڏي ترقي ڪري ويندي جنهن تي اينڪر بتول راجپوت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ سخت لهجي ۾ انڪار ڪيو پر پوءِ به بتول راجپوت تي دٻاءُ وڌو ويندو رهيو پر هن دٻاءُ قبول نه ڪيو .ياد رهي ته عمران خان جي دور ۾ ڪيترن صحافين سان گڏ ابصار عالم به عتاب جو شڪار رهيو. مٿس حملو به ٿيو ۽ گولي لڳي پر معجزاتي طور بچي ويو هو

07 *** بقايا

وئي آهي ڀرتي جي لاءِ سنڌ جي ڪنهن به ضلعي جو ڊوميسائيل رکندڙ مرد اميدوار اهل قرار ڏنا ويا آهن. سي پيڪ اسپيشل پروٽيڪشن يونٽ جي ڪمانڊنٽ ڊي آءِ جي محمد ڪاشف ان سلسلي ۾ ٻڌائي جاري ڪري ڇڏي آهي.جاري ڪيل ٻڌائي موجب اميدوار جو مڃيل بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن مان گهٽ ۾ گهٽ ميٽرڪ پاس هجڻ ضروري آهي. 16 کان 28 سالن جي عمرجا اميدوار ڀرتي جي لاءِ آن لائين درخواست ڏئي سگهن ٿا. اميدوار جو گهٽ ۾ گهٽ قد 5 فٽ 6 انچ ۽ ڇاتي جو گهٽ ۾ گهٽ 33 انچ هجڻ لازمي آهي. ڀرتي جا خواهشمند نوجوان 5 اپريل تائين آن لائين درخواستون جمع ڪرائي سگهن ٿا.

08 *** بقايا

خطاب ڪندي سعد رفيق چيو ته ٻبر شينهن جهنگلي جانور ڪاٺ اچي رهيو آهي. اقامي جي بنياد تي نواز شريف کي ڪڍڻ سازش هئي. ن ليگ کي موقعو مليو ته عدل جو نئون نظام آڻينداسين. نواز شريف واپس اچي انصاف جي نئين نظام جو خاڪو ڏيندو. ججن جي مقرري جي طريقي ڪار کي تبديل ڪيو ويندو.هن چيو ته نئون معاشي خاڪو به ڏينداسين. جنهن سان غريب تي بار بنا ٽيڪس نيٽ وڌي. ملڪ کي اميرن جي جمهوريت نٿي هلائي سگهي سندس وڌيڪ چوڻ هو ته عمران خان سياسي سمجهه کان وانجهيل آهي.

09 *** بقايا

سياسي پارٽين کي چونڊ مهم هلائڻ جي مڪمل آزادي آهي. پنجاب حڪومت سياسي سرگرمين ۽ ريلين تي صرف هڪ ڏينهن لاءِ پابندي لاڳو ڪئي آهي. نگران وڏي وزير وڌيڪ چيو ته پاڪستان سپر ليگ(پي ايس ايل) ڪرڪيٽ ميچ ٽيم جي ڄرڻ ۽ ميراٿن بابت اڳ ئي سموري منصوبه بندي ڪئي وئي هئي ۽ گهڻو وقت اڳ اعلان پڻ ڪيو ويو هو ياد رهي ته پنجاب حڪومت پي ٽي آءِ جي ريلي جي اعلان کان پوءِ لاهور ۾ هڪ دفعو ٻيهر قلم 144 لاڳو ڪندي ڪنهن به قسم جي ريلي هجي يا جلوس تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي.

10 *** بقايا

خان سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته ائين لڳي ٿو ته قلم 14344 غير قانوني طور تي صرف ۽ صرف پي ٽي آءِ جي چونڊ مهم تي لڳائي وئي آهي. جڏهن ته لاهور ۾ ٻيون سموريون عوامي سرگرميون جاري آهن.عمران خان چيو ته صرف زمان پارڪ کي ڪنٽينر ۽ پوليس جي وڏي نفري گهيرو ڪري رکيو آهي. هن چيو ته جڏهن چونڊ شيڊول جو اعلان ڪيو ويو آهي ته پوءِ چونڊ سرگرمين تي قلم 144 ڪيئن لڳائي سگهجي ٿي. مان سمورن پي ٽي آءِ ڪارڪنن کان درخواست ڪريان ٿو ته هو هن چار ۾ نه ڦاسن. اسان ان لاءِ ريلي سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهيان کان اڳ لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پي ٽي آءِ اڳواڻ حماد اظهر چيو ته اسان جي عمران خان سان ڳالهه ٻولهه ٿي آهي، سندس حڪم موجب اڄ اعلائيل ريلي کي ملتوي ڪرڻ جو اعلان ڪريون ٿا. حماد اظهر چيو ته ريلي سڀاڻي يا بعد ۾ به ٿي سگهي ٿي. اسان پرامن چونڊون ۽ پرامن اقتدار چاهيون ٿا. شهر جي روڊ رستن کي کوليو وڃي. هن چيو ته اسان کي پٽ سان لڳايو پيو وڃي اسان آئين ۽ قانون جو رستو ناهي ڇڏيو زمان پارڪ ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي شاهه محمود قريشي چيو ته قلم 144 جو لاڳو صرف تحريڪ انصاف جي لاءِ آهي هي فساد چاهين ٿا .اسان پرامن چونڊون چاهيون ٿا. هي رتوڇاڻ چاهين ٿا ۽ اسان پرامن ريلي ڪڍڻ چاهيون ٿا. اسان هميشه صبر کان ڪم ورتو آهي. شاهه محمود قريشي چيو ته اسان اڄوڪي ريلي سڀاڻي ملتوي ڪري ڇڏي آهي. حڪومت جو چوڻ آهي ته پي ايس ايل سبب قلم 144 لاڳو ڪيو آهي. اسان هن وقت واپس وڃي رهيا آهيون پر رات جو ٻيهر جمع ٿينداسين.

11 *** بقايا

100 ماڻهن کي قتل. 405 گاڏيون، 9033 موبائل ڦريا ويا جڏهن ته گهرن ۾ ڦرلٽ جون وارداتون الڳ آهن. اهو صوبائي گادي واري شهر جو حال آهي ته باقي صوبي ۾ عوام ڪهڙي اذيت جو شڪار هوندي. ڪشمور، گهوٽڪي، سکر ۽ شڪارپور سميت سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڦرڻ لاءِ اغوا ڪاروبار جي شڪل اختيار ڪري چڪو آهي جنهن ڪري شهري عدم تحفظ جو شڪار آهن. پوليس جا آفيسر عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻ بدران سرڪاري پوٽارن جي ڪمداري ۾ پورا آهن. سنڌ هن وقت بدامني، ڪرپشن، ڦرلٽ ۽ بدترين حڪمراني جهڙن سنگين مسئلن جو شڪار آهي.

12 *** بقايا

گلشن اقبال مان گرفتار ڪيو ويو آهي. پي ٽي آءِ ترجمان موجب ارسلان تاج کي سادا ڪپڙا پهريل اهلڪار فجر محل گلشن اقبال مان سندس گهر مان گرفتار ڪيو. گرفتاري دوران پي ٽي آءِ اڳواڻ جي گهر ڀاتين کي به حراسان ڪيو ويو ٻئي طرف ڪراچي پوليس طرفان سنڌ اسيمبلي ميمبر راجا اظهر جي گهر تي ڇاپو هنيو پي ٽي آءِ ترجمان موجب پوليس طرفان راجا اظهرجي گهرڀاتين کي حراسان پڻ ڪيو ويو. ترجمان موجب ڪراچي پوليس جي ڇاپي وقت ايم پي اي راجا اظهر گهر تي موجود نه هو

13 *** بقايا

جي پٽن وڪيل ميان دائود کي قانوني نوٽيس اماڻي ڇڏيو آهي. نوٽيس ۾ چيو ويو آهي ته ميان دائود 15 ڏينهن ۾ معافي گهري ۽ پنهنجي الزامن جي ترديد ڪري. ميان دائود جسٽس مظاهر نقوي جي ساک کي مجروح ڪيو معافي نه گهرڻ تي ميان دائود قانوني ڪارروائي کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهي. ياد رهي ته وڪيل ميان دائود جسٽس مظاهر خلاف سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ ريفرنس داخل ڪيو آهي جنهن ۾ جسٽس مظاهر ۽ ان جي گهر ڀاتين جي ملڪيتن جي جاچ ڪرڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي. قانوني نوٽيس تي رد عمل ڏيندي وڪيل ميان دائود چيو آهي ته قانوني نوٽيس جو جواب ڏيڻ يا نه ڏيڻ جو فيصلو مشاورت کان پوءِ ڪندس. قانون ۽ آئين جي بالادستي لاءِ ڌمڪين جي سامهون نه جهڪندس. قانوني نوٽيس پٺيان لکڻ بجاءِ سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ جواب جمع ڪرائيندس.

14 *** بقايا

آرڊر شيئر ڪندي ٽوئيٽر تي لکيو آهي ته اهي اهو رٽائرڊ ليفٽيننٽ جنرل سجاد غني صاحب آهي جنهن حڪم جاري ڪيو آهي ته واپڊا جي سمورين آفيسن ۾ قائداعظم جي تصويرن سان گڏ سندس تصوير به لڳائي وڃي. جنرل صاحب! قائد ته پاڪستان بڻايو هو. توهان پنهنجو ڪارنامو ٻڌائي سگهو ٿا.سينئر صحافي حامد مير لکيو ته سجاد غني جي اها حرڪت نظرانداز نٿي ڪري سگهجي اهي اهو ماڻهو سيت آهي جنهن محترمه فاطمه جناح کي انڊين ايجنٽ قرار ڏنو. ان ماڻهو سيت جي رڳو مذمت نه سرڪوبي به ڪرڻ گهرجي سجاد غني خلاف ڪو ڪارروائي ڪري يا نه ڪري پرهن حڪم نامي جي بنياد تي موصوف خلاف پارليامينٽ ۾ ڳالهائڻ گهرجي. نوٽ: هي تجزيو روزاني عوامي آواز اڄ 12 مارچ 2023 تي شايع ٿيو

15 *** بقايا

ڏسندا آهن. صبح جو قلم 144 لاڳو ڪندا آهن. اڄ جيڪڏهن لاهور ۾ ڪجهه ٿيو ته ماڻهو خاموش نه ويهندا.سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ شيخ رشيد احمد چيو ته پي ڊي ايم ٽٽي چڪي آهي. اليڪشن ۾ نه پراحتساب ۾ ويندي. آمريڪا جي اڪيلائي ۽ چين جي ڪاميابي خطي ۾ وڏي خبر آهي.

16 *** بقايا

رڪارڊ اپ لوڊ ڪيو ويو آهي.توشا خانا مان تحفا وصول ڪندڙن ۾ اڳوڻن صدرن، اڳوڻن وزيراعظمن، وزيرن ۽ سرڪاري آفيسرن جا نالا شامل آهن فهرست ۾ اڳوڻي صدر پرويز مشرف، اڳوڻن وزيراعظمن شوڪت عزيز، يوسف رضا گيلاني، نواز شريف، راجا پرويز اشرف ۽ عمران خان جو نالو به شامل آهي.

17 *** بقايا

سفارتي لاڳاپن جي بحالي بابت مشهور شخصيتن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي.سينيٽر مشاهد حسين سيد چيو ته اهو معاهدو چين ۾ ٿيڻ ان ڳالهه جو اظهار آهي ته خطي ۾ طاقت جو رخ ڪهڙي پاسي آهي. آمريڪا ۾ مقرر اڳوڻي پاڪستاني سفير مليحه لوڌي چيو ته ايران سعودي معاهدو آمريڪا سان گڏ اسرائيل لاءِ به جهٽڪو آهي. ان معاهدي سان ايران کي اڪيلو ڪرڻ جون آمريڪي ڪوششون ناڪام ٿي ويون آهن.سعودي جيو اسٽريٽجڪ ايڪسپرٽ فهيم حامد الحامد چيو ته چين هن خطي جي اهم طاقت 7 امن ۽ استحڪام جي علامت آهي. هي معاهدو سعودي حڪومت جي ان پاليسي جو اظهار آهي ته هاڻي ايران ۽ سعودي عرب اتحادي طور اڳتي وڌندا.مشهور تجزيه نگار عادل نجم چيو ته آمريڪا ان صورتحال خاموش نه ويهندو.

18 *** بقايا

. جنهن ۾ چيو ويو آهي تحريڪ انصاف جي ريلي تي قلم 144 لاڳو ڪرڻ غيرقانوني آهي. چونڊ مهم هلائڻ تحريڪ انصاف جو آئيني حق آهي. درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي ته اليڪشن ڪميشن قلم 144 لاڳو ڪرڻ واري فيصلي کي ختم ڪري. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته پنجاب حڪومت قلم 144 لاڳو ڪري سپريم ڪورٽ جي فيصلي نمبر 15 جي ڀڃڪڙي ڪري رهيا آهن. پنجاب حڪومت پي ايس ايل ميچ کي بنا جواز ريلي کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. متن موجب تحريڪ انصاف جي ريلي ۽ پي ايس ايل جي ميچ جو روٽ مختلف آهي. تحريڪ انصاف جي ريلي سادي 5 وڳي ختم ٿيندي جڏهن ته پي ايس ايل جو ميچ ستين وڳي شروع ٿيندو. ان کان پهريان ڪنهن به شهر ۾ پي ايس ايل دوران قلم 144 لاڳو ناهي ڪيو ويو درخواستگذار موجب پنجاب حڪومت غيرقانوني طور تي تحريڪ انصاف جي چونڊ مهم کي روڪي رهي آهي. اليڪشن ڪميشن ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي بابر اعوان چيو ته پي ايس ايل جو بهانو ڪري نگران حڪومت پابندي لڳائي آهي جيڪا عدالتن جي کليل توهين آهي. سپريم ڪورٽ 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏنو آهي ان ڪري اليڪشن ڪميشن چونڊون ممڪن بنائڻ جي لاءِ قدم کڻي. هن چيو ته نگران حڪومت انتهائي غير ذميواري جو مظاهرو ڪري رهي آهي. پهريان ريلي ۾ ظل شاهه جي موت ٿي، ظل شاهه ۽ ارشد شريف جي موت ۾ هڪڙوئي طريقو استعمال ڪيو ويو

19 *** بقايا

آءِ ايم پي غلط ٽائر پکيڙي رهيو آهي،سوشل ميڊيا تي بيٺل گاڏين جي صرف وڊيو ڏيکاري گمراهه ڪندڙ پروپيگنڊا ڪرڻ سٺو عمل ناهي .سنڌ جي صحت کاتي جي ترجمان چيو آهي ته عوام کي غلط ۽ نامڪمل معلومات ڏيڻ بدران پوري حقيقت پيش ڪئي وڃي. ترجمان چيو ته پي ٽي آءِ ايم پي اي بغير اجازت جي ۽ زبردستي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس مڪلي ۾ بيٺل گاڏين جي يارڊ ۾ داخل ٿي وڊيو ذريعي غلط ٽائر پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حقيقت اها آهي ته مڪلي يارڊ ۾ پارڪ ڪيل سمورين 25 پيلي رنگ جون گاڏيون پرائيون، استعمال ٿيل ۽ ناڪاره آهن. سنڌ حڪومت 25 پرائين، استعمال ٿيل ۽ ناڪاره گاڏين جي ٻيهر مرمت ڪري انهن کي مٿير گاڏين طور استعمال ڪيون وينديون. سنڌ جي صحت کاتي جي ترجمان چيو ته مذڪوره پرائيون سمورين 25 گاڏين جو ٽينڊر ٿي چڪو ۽ اهي گاڏيون هلنديون ايندڙ 2 مهينن ۾ فعال ٿي وينديون. هن وڌيڪ چيو ته مڪلي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ۾ بيٺل نيري رنگ جون 57 نيون ايمبولينس 1122 گاڏين جو عملو ڀرتي ڪيو ويو آهي. عملي جي تربيت کان پوءِ فوري طور تي جديد بليو الاٽ سان ليس 1122 ايمبولينسز کي لاڳاپيل ضلعن ڏانهن موڪليون وينديون. سنڌ جي صحت کاتي جي ترجمان وڌيڪ چيو ته مذڪوره برانڊ نئين بليو ايمبولينس ۾ پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ نرسن سميت 7 اهلڪارن جو عملو مقرر ڪيو ويندو هن چيو ته تربيت يافته ۽ تعليم يافته 1122 ايمبولينس اسٽاف بهترين طبي خدمتون فراهم ڪندو. نيري رنگ جون 57 برانڊ نيو 1122 ايمبولينسز مان 17 ميرپورخاص، 10 گهوٽڪي، 10 ڪشمور، 05 شڪارپور، 10بينظير آباد ۽ جيڪب آباد کي 05 ايمبولينس ڏنيون وينديون. سنڌ جي صحت کاتي جي ترجمان چيو ته هي انهن گاڏين جو صحيح تفصيل آهي . اميد آهي ته معزز چونڊيل نمائندا اهڙين وڊيوز کي ڦهلائڻ کان اڳ حقيقت معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.

20 *** بقايا

گاريون ڏيندو هو جنهن تي هو ڪاوڙ ۾ اچي ويو واضح رهي ته جوابدارن گذريل ڏينهن ٽن مختلف هنڌن تي فائرنگ ڪري سندس گهرواري، ٻارن، سالي ۽ فيڪٽري مالڪ کي قتل ڪيو هو. جنهن جو پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي نوٽيس ورتو هو.

21 *** بقايا

جو چنڊ 22 مارچ 28 شعبان المعظم تي نظر اچڻ جا چٽا امڪان آهن چنڊ جي رويت بابت موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته 22 مارچ 29 شعبان المعظم تي رمضان المبارڪ جو چنڊ نظر اچڻ جو چٽو امڪان آهي. رمضان جي چنڊ جي پيدائش 21 مارچ جي رات 10 لڳي 23 منٽن تي ٿيندي. ٻئي طرف مذهبي مذهبي معاملن واري سيڪريٽري آفتاب اڪبر دراني صحافين سان ڳالهيون ڪندي ٻڌايو آهي ته اميد آهي ته هن ڀيري رمضان المبارڪ جو چنڊ گڏيل هوندو. مرڪزي رويت هلال ڪميٽي هميشه صوبن کي گڏ ڪئي هلندي آهي. هوڏانهن مذهبي معاملن واري وفاقي وزير مولانا عبدالخبير آزاد موجب سموري ملڪ ۾ زونل رويت هلال ڪميٽين جا اجلاس به ساڳئي ڏينهن ٿيندا.

22 *** بقايا

انصاف جي سربراهه هڪ ڀيرو ٻيهر اهم ڏينهن تي ريلي ڪڍڻ جو اعلان ڪيو آهي. لاهور ۾ اڄ پي ايس ايل جو هڪ ميچ. 40 ڪلو ميٽر جي ميراٿن ۽ سائيڪل ريس ٿي رهي آهي. عامر مير چيو ته ڪنهن به اڻٽيندڙ واقعي کان بچڻ لاءِ قلم 144 لڳائي وئي آهي. انتظاميه پي ٽي آءِ سان ڳالهيون ڪيون ۽ کين ٻڌايو ته اوهان ريلي جي تاريخ کي اڳيان وڌايو ذريعن موجب پنجاب حڪومت طرفان ڪنهن به اڻٽيندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ رينجرز کي پڻ طلب ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب اڄ صبح قلم 144 سبب زمان پارڪ سميت ٻين اهم هنڌن تي رينجرز مقرر ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان اڄ ٻنپهرن جو 2 وڳي ريلي ڪڍڻ جو اعلان ڪيو آهي. عمران خان چيو هو ته لاهور ۾ چونڊ ريلي جي اڳواڻي مان پاڻ ڪندس. مون کي خبر آهي ته هي چونڊن کان ڀڄڻ لاءِ ڪجهه ڪرڻ چاهين ٿا. هي مون کي قتل ڪرڻ چاهين ٿا يا ڪنهن کي به قتل ڪرائي سگهن ٿا.

23 *** بقايا

پوءِ ڪالهه 25 هين ڏينهن ٺڪرجي فارم کان ٻيهر قافلو روشن ٻرڙو، امير آزاد پنهور، منير حيدر شاهه،عيدن جاگيراڻي، خدا بخش ٿيٻو، بابل لطيف ڪوسو، حاڪم مستوئي، زين ڀٽو، زيب جتوئي، دريا خان لغاري ۽ ذوهيب لاکو جي اڳوائيءَ ۾ پنهنجي منزل طرف روانو ٿيو قافلو جاڙا واهه اسٽاپ کان ڏنا واهه اسٽاپ تي پهتو. جتي پي ٽي آءِ اڳواڻ حاجي عبدالعزيز ڪبري، سماجي اڳواڻ محمود سومرو ۽ ايس ٽي پي اڳواڻ عالم مڱسي قافلي جو شاندار استقبال ڪيو جڏهن ته عالم مڱسيءَ قافلي ۾ شريڪ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي پنهنجي ڏنا واهه اسٽاپ جي رهائش گاهه تي ريفريشمنٽ پڻ ڪرايون ان کان پوءِ قافلو ٻيهر پنهنجي منزل طرف روان دوان ٿيندي ٻلڙي شاهه ڪريم شهر پهتو. جتي شهيد بلو پنهور چوڪ تي شهرين، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن گل نڇاور ڪري قافلي جو شاندار استقبال ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پ پ جي سنڌ دشمن سياست سنڌ جي عوام آڏو هاڻي وائکي ٿي وئي، جنهن ڪري ايندڙ اليڪشن ۾ پ پ کي سنڌ جو عوام سڄي سنڌ مان نه صرف شڪست ڏيندو پر سنڌن سنڌ دشمن عملن کي هاڻي برداشت نه ڪندو هنن چيو ته اسان سنڌي عوام جي حقن خاطر پنهنجا گهر تڙ ڇڏي نڪتا آهيون، عوام جيڪڏهن هنن نااهل حڪمرانن مان نجات چاهي ٿو ته پوءِ هو اسان جي هن جهاد ۾ حصو بڻجي پيادل مارچ ۾ ڪراچيءَ ڏانهن هلن. جتي 19 مارچ تي ايس يو پي صدر زين شاهه جي قيادت ۾ تاريخي جلسو ڪيو ويندو. عوام کي وڌ کان وڌ شرڪت جي دعوت ڏجي ٿي، هو شريڪ ٿي قومي ٻڌيءَ جو ثبوت پيش ڪن.جلسي بعد قافلي شاهه عبدالڪريم بلڙي جي مزار تي حاضري ڀري سنڌ جي سلامتي، امن ۽ استحڪام لاءِ دعا گهري. قافلورات بلڙي شاهه ڪريم ۾ ترسڻ بعد اڄ صبح جو ٻيهر پنهنجي اڳئين منزل جهوڪ ۽ بلورو طرف روانو ٿيندو

24 *** بقايا

52 هزار 990 گاڏين جي چيڪنگ ڪئي وئي، مختلف سببن تي 4 هزار 64 گاڏيون ضبط ڪيون ويون جڏهن ته 4 هزار 460 گاڏين جا ڪاغذ ضبط ڪيا ويا. روڊ چيڪنگ مهم دوران 21هين ڏينهن تائين لڳ ڀڳ 7 ڪروڙ رپيا ٽيڪس وصول ڪيو ويو آهي. ڪراچي ۾ 13 هزار 59، حيدرآباد ۾ 18 هزار 587، سکر ۾ 5 هزار 996، ميرپورخاص ۾ 6 هزار 741، لاڙڪاڻي ۾ 5 هزار 276 ۽ شهيد بينظير آباد ۾ 3 هزار 331 گاڏين جي چيڪنگ ڪئي وئي. . ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ اينٽي نارڪوٽڪس واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا چيو آهي ته ٽيڪس نه ڏيندڙن کي درخواست ڪئي ته وقت سر پنهنجا ٽيڪس جمع ڪرايا وڃن.

25 *** بقايا

اغوا جو سلسلو رڪجي نه سگهيو ڪنڌڪوٽ لڳ دراني مهر ٿاڻي جي حد ددڙ پوليس پڪٽ تي ڌاڙيلن حملو ڪري سرڪاري هٿيار ڦر ڪيا جڏهن ته ڌاڙيل ٻن پوليس اهلڪارن سجاد جکراڻي ۽ عبدالغفار وسطڙو کي اغوا ڪري ڪچي طرف فرار ٿي ويا.هوڏانهن ڪشمور ضلعي پوليس اغوا ٿيل اهلڪارن جي بازيابي لاءِ راڄوڻي جون ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون آهن.

26 *** بقايا

ڪيتران کي ضمانت ملڻ تي ڊسٽرڪٽ جيل ڪوئيٽا مان آزاد ڪيو ويو آهي عدالت ڏهه مارچ تي قتل ۽ اغوا جي ڪيس ۾ صوبائي وزير جي ڏهه لک رپين ۾ ضمانت منظور ڪئي هئي. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بارکان طرفان سپرنٽينڊنٽ ڊسٽرڪٽ جيل ڏانهن لکيل حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته سردار عبدالرحمان ڪيتران جي ضمانت منظور ٿيڻ کانپوءِ ڪيس ڏهه لک رپين جي ضمانت عدالت ۾ ڪرائي ڇڏي آهي. حڪم نامي موجب جيڪڏهن هو ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ گهربل ناهي ته کيس جيل مان آزاد ڪيو وڃي. جنهن کانپوءِ ڊسٽرڪٽ جيل انتظاميا سردار عبدالرحمان ڪيتران کي آزاد ڪري ڇڏيو صوبائي وزير جي آزادي جي موقعي تي جيل ٻاهران ڪيتران قبيلي جا نمائندن جو وڏو انگ موجود هو.ياد رهي ته بلوچستان جي گهرو وزير هڪ بيان ۾ چيو هو ته بارکان واقعي ۾ سردار عبدالرحمان ڪيتران پاڻ گرفتاري پيش ڪئي.

27 *** بقايا

مقرر ڪرڻ پٺيان هڪ ڪارڻ اهو به هو ته جيئن مزاحمت يا اعتراض نه ٿي سگهي . چوڻ جيڪڏهن ڪوسول ڪامرو چيئرمين هجي ها ته جنرل ان جي مزاحمت ڪن ها. فوج اندر ان حوالي سان جاچ شروع ٿي وئي آهي ۽ 5 جنرلن جي ڪرپشن جي نشاندهي به ٿي وئي آهي جن جا فائيل جاچ لاءِ نيب ڏانهن اماڻيا ويندا. ناميارِي صحافي موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير جو اهو فيصلو وقتائتو ۽ واکاڻ جوڳو آهي .چوڻ هن وقت تائين اهو تاثر هو ته احتساب رڳو سول ماڻهن ۽ سياستدانن جو ٿي رهيو آهي. شايد اهو تاثر ختم ڪرڻ جي لاءِ فوج ۽ آرمي چيف اهڙو فيصلو ڪيو آهي. چوڻ نيا پاڪستان هائوسنگ سوسائٽي، ٿاپ سٽي ۽ اهڙن ٻين رهائشي منصوبن جي آڙ ۾ اربين رپين جي ڪرپشن ۽ فراڊ ٿيا آهن جن ۾ سڌي يا اڻ سڌي طرح فوج جي اداري جا حاضر سروس ۽ رٽائرڊ ملازم توڙي آفيسر شامل رهيا آهن .ابتدائي جاچ ۾ 5 آفيسرن جي نشاندهي ٿي چڪي آهي ۽ فهرست ڊگهي آهي. اداري جي ان فيصلي سان فوج جي عزت ۽ ناموس ۾ اضافو ٿيندو ۽ مستقبل ۾ ڪرپشن جو ڊگ بند ٿي ويندو جڏهن ته جاچ دوران ڇرڪائيندڙ انڪشاف منظرعام تي ايندا.

28 *** بقايا

ڪئي،سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري مراد علي شاهه کي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏيڻ جون تصويرون ٽوئيٽر تي به شيئر ڪيون، پي ايڇ ڊي جي ڊگري ملڻ تي وزيرن طرفان وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي مبارڪباد پيش ڪئي وئي

29 *** بقايا

ٿي مٿانهون آهي ان صف ۾ عمران گهٽو جونيئر هو هڪ کي ايڪسٽينشن مٿان ايڪسٽينشن وٺڻي هئي ٻئي کي آخرڪار آرمي چيف بڻجڻو هو ۽ ٽئين کي لامحدود وقت تائين وزيراعظم رهڻو هو دل کولي ڪرپشن ڪئي. معيشت جو ڏيوالو ڪڍيو. معيشت جو حال ڏسي باجوا ڊڄي ويو. هن پوئتي هٽڻ جو فيصلو ڪيو. عمران خان کي خراب ڪارڪردگي يا خراب معيشت سان ڪجهه فرق نٿو پوي، چو ته انهن جي ويجهو پراڊڪٽ جي ڪا به اهميت ناهي. اهميت آهي خوبصورت پيڪنگ جي. فيض پنهنجو مستقبل عمران خان سان گڏ ٿي ڏسندو هو. اڄ به ڏسي ٿو جيڪڏهن اهي هڪ ڀيرو ڪامياب ٿي وڃن ها ته نه ڄاڻ فيض ۽ عمران هڪ ٻئي سان ڇا ڪن ٿا. يقينن خراب ڪن ها.

30 *** بقايا

جي فائرنگ ۾ مارجي ويل ڊرائيور جي وارثن طرفان انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويوڏاڪٽر سومرو جي وارثن ۽ ٽرانسپورٽ اتحاد ڀاران ڪرمپور لاڙي وٽ روڊ تي لاش رکي ڌرڻو هنيو ويو. ٽائرن کي باهيون ڏنيون ويون، گذريل رات هٿياربند ٽرڪ تي فائرنگ ڪري ڏاڪٽر سومرو کي قتل ڪرڻ بعد منظور سولنگي کي اغوا ڪري ويامظاهرين جو چوڻ هو ته ڌاڙيلن ڀاران بيگناهه ڏاڪٽر سومرو کي قتل ڪري منظور سولنگي کي اغوا ڪيو ويو آهي، ٻن ضلعن جي دنگ تي پوليس سامهون ڌاڙيل هڪ ڊرائيور کي قتل ۽ ٻي کي اغوا ڪري وياپوليس توڙي سنڌ سرڪار ڌاڙيلن خلاف هن وقت تائين اثرائتو آپريشن ناهي ڪيو. ڪير به ظالمن کان پڇڻ وارو ناهي، علائقي ۾ بدامني وڌي وئي آهي. ڏاڪٽر سومرو جي قاتلن کي گرفتار ڪري منظور سولنگي کي آزاد ڪرايو وڃي. ٻي صورت ۾ ڌرڻو هنيو ويندو

31 *** بقايا

آءِ ايم پي غلط ٽائر پکيڙي رهيو آهي،سوشل ميڊيا تي بيٺل گاڏين جي صرف وڊيو ڏيکاري گمراهه ڪندڙ پروپيگنڊا ڪرڻ سٺو عمل ناهي .سنڌ جي صحت کاتي جي ترجمان چيو آهي ته عوام کي غلط ۽ نامڪمل معلومات ڏيڻ بدران پوري حقيقت پيش ڪئي وڃي. ترجمان چيو ته پي ٽي آءِ ايم پي اي بغير اجازت جي ۽ زبردستي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس مڪلي ۾ بيٺل گاڏين جي يارڊ ۾ داخل ٿي وڊيو ذريعي غلط ٽائر پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حقيقت اها آهي ته مڪلي يارڊ ۾ پارڪ ڪيل سمورين 25 پيلي رنگ جون گاڏيون پرائيون، استعمال ٿيل ۽ ناڪاره آهن. سنڌ حڪومت 25 پرائين، استعمال ٿيل ۽ ناڪاره گاڏين جي ٻيهر مرمت ڪري انهن کي مٿير گاڏين طور استعمال ڪيون وينديون. سنڌ جي صحت کاتي جي ترجمان چيو ته مذڪوره پرائيون سمورين 25 گاڏين جو ٽينڊر ٿي چڪو ۽ اهي گاڏيون هلنديون ايندڙ 2 مهينن ۾ فعال ٿي وينديون. هن وڌيڪ چيو ته مڪلي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ۾ بيٺل نيري رنگ جون 57 نيون ايمبولينس 1122 گاڏين جو عملو ڀرتي ڪيو ويو آهي. عملي جي تربيت کان پوءِ فوري طور تي جديد بليو الاٽ سان ليس 1122 ايمبولينسز کي لاڳاپيل ضلعن ڏانهن موڪليون وينديون. سنڌ جي صحت کاتي جي ترجمان وڌيڪ چيو ته مذڪوره برانڊ نئين بليو ايمبولينس ۾ پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ نرسن سميت 7 اهلڪارن جو عملو مقرر ڪيو ويندو هن چيو ته تربيت يافته ۽ تعليم يافته 1122 ايمبولينس اسٽاف بهترين طبي خدمتون فراهم ڪندو. نيري رنگ جون 57 برانڊ نيو 1122 ايمبولينسز مان 17 ميرپورخاص، 10 گهوٽڪي، 10 ڪشمور، 05 شڪارپور، 10بينظير آباد ۽ جيڪب آباد کي 05 ايمبولينس ڏنيون وينديون. سنڌ جي صحت کاتي جي ترجمان چيو ته هي انهن گاڏين جو صحيح تفصيل آهي . اميد آهي ته معزز چونڊيل نمائندا اهڙين وڊيوز کي ڦهلائڻ کان اڳ حقيقت معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.

32 *** بقايا

. جنهن ۾ چيو ويو آهي تحريڪ انصاف جي ريلي تي قلم 144 لاڳو ڪرڻ غيرقانوني آهي. چونڊ مهم هلائڻ تحريڪ انصاف جو آئيني حق آهي. درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي ته اليڪشن ڪميشن قلم 144 لاڳو ڪرڻ واري فيصلي کي ختم ڪري. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته پنجاب حڪومت قلم 144 لاڳو ڪري سپريم ڪورٽ جي فيصلي نمبر 15 جي ڀڃڪڙي ڪري رهيا آهن. پنجاب حڪومت پي ايس ايل ميچ کي بنا جواز ريلي کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. متن موجب تحريڪ انصاف جي ريلي ۽ پي ايس ايل جي ميچ جو روٽ مختلف آهي. تحريڪ انصاف جي ريلي سادي 5 وڳي ختم ٿيندي جڏهن ته پي ايس ايل جو ميچ ستين وڳي شروع ٿيندو. ان کان پهريان ڪنهن به شهر ۾ پي ايس ايل دوران قلم 144 لاڳو ناهي ڪيو ويو درخواستگذار موجب پنجاب حڪومت غيرقانوني طور تي تحريڪ انصاف جي چونڊ مهم کي روڪي رهي آهي. اليڪشن ڪميشن ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي بابر اعوان چيو ته پي ايس ايل جو بهانو ڪري نگران حڪومت پابندي لڳائي آهي جيڪا عدالتن جي کليل توهين آهي. سپريم ڪورٽ 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائڻ جو حڪم ڏنو آهي ان ڪري اليڪشن ڪميشن چونڊون ممڪن بنائڻ جي لاءِ قدم کڻي. هن چيو ته نگران حڪومت انتهائي غير ذميواري جو مظاهرو ڪري رهي آهي. پهريان ريلي ۾ ظل شاهه جي موت ٿي، ظل شاهه ۽ ارشد شريف جي موت ۾ هڪڙوئي طريقو استعمال ڪيو ويو

33 *** بقايا

پوءِ ڪالهه 25 هين ڏينهن ٺڪرجي فارم کان ٻيهر قافلو روشن ٻرڙو، امير آزاد پنهور، منير حيدر شاهه،عيدن جاگيراڻي، خدا بخش ٿيٻو، بابل لطيف ڪوسو، حاڪم مستوئي، زين ڀٽو، زيب جتوئي، دريا خان لغاري ۽ ذوهيب لاکو جي اڳوائيءَ ۾ پنهنجي منزل طرف روانو ٿيو قافلو جاڙا واهه اسٽاپ کان ڏنا واهه اسٽاپ تي پهتو. جتي پي ٽي آءِ اڳواڻ حاجي عبدالعزيز ڪبري، سماجي اڳواڻ محمود سومرو ۽ ايس ٽي پي اڳواڻ عالم مڱسي قافلي جو شاندار استقبال ڪيو جڏهن ته عالم مڱسيءَ قافلي ۾ شريڪ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي پنهنجي ڏنا واهه اسٽاپ جي رهائش گاهه تي ريفريشمنٽ پڻ ڪرايون ان کان پوءِ قافلو ٻيهر پنهنجي منزل طرف روان دوان ٿيندي ٻلڙي شاهه ڪريم شهر پهتو. جتي شهيد بلو پنهور چوڪ تي شهرين، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن گل نڇاور ڪري قافلي جو شاندار استقبال ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پ پ جي سنڌ دشمن سياست سنڌ جي عوام آڏو هاڻي وائکي ٿي وئي، جنهن ڪري ايندڙ اليڪشن ۾ پ پ کي سنڌ جو عوام سڄي سنڌ مان نه صرف شڪست ڏيندو پر سنڌن سنڌ دشمن عملن کي هاڻي برداشت نه ڪندو هنن چيو ته اسان سنڌي عوام جي حقن خاطر پنهنجا گهر تڙ ڇڏي نڪتا آهيون، عوام جيڪڏهن هنن نااهل حڪمرانن مان نجات چاهي ٿو ته پوءِ هو اسان جي هن جهاد ۾ حصو بڻجي پيادل مارچ ۾ ڪراچيءَ ڏانهن هلن. جتي 19 مارچ تي ايس يو پي صدر زين شاهه جي قيادت ۾ تاريخي جلسو ڪيو ويندو. عوام کي وڌ کان وڌ شرڪت جي دعوت ڏجي ٿي، هو شريڪ ٿي قومي ٻڌيءَ جو ثبوت پيش ڪن.جلسي بعد قافلي شاهه عبدالڪريم بلڙي جي مزار تي حاضري ڀري سنڌ جي سلامتي، امن ۽ استحڪام لاءِ دعا گهري. قافلورات بلڙي شاهه ڪريم ۾ ترسڻ بعد اڄ صبح جو ٻيهر پنهنجي اڳئين منزل جهوڪ ۽ بلورو طرف روانو ٿيندو

34 *** بقايا

انصاف جي سربراهه هڪ ڀيرو ٻيهر اهم ڏينهن تي ريلي ڪڍڻ جو اعلان ڪيو آهي. لاهور ۾ اڄ پي ايس ايل جو هڪ ميچ. 40 ڪلو ميٽر جي ميراٿن ۽ سائيڪل ريس ٿي رهي آهي. عامر مير چيو ته ڪنهن به اڻٽيندڙ واقعي کان بچڻ لاءِ قلم 144 لڳائي وئي آهي. انتظاميه پي ٽي آءِ سان ڳالهيون ڪيون ۽ کين ٻڌايو ته اوهان ريلي جي تاريخ کي اڳيان وڌايو ذريعن موجب پنجاب حڪومت طرفان ڪنهن به اڻٽيندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ رينجرز کي پڻ طلب ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب اڄ صبح قلم 144 سبب زمان پارڪ سميت ٻين اهم هنڌن تي رينجرز مقرر ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان اڄ ٻنپهرن جو 2 وڳي ريلي ڪڍڻ جو اعلان ڪيو آهي. عمران خان چيو هو ته لاهور ۾ چونڊ ريلي جي اڳواڻي مان پاڻ ڪندس. مون کي خبر آهي ته هي چونڊن کان ڀڄڻ لاءِ ڪجهه ڪرڻ چاهين ٿا. هي مون کي قتل ڪرڻ چاهين ٿا يا ڪنهن کي به قتل ڪرائي سگهن ٿا.

سنڌ جي ڪلاسڪي موسيقي جي پلوڙ راڳي استاد راشد حيدري کي ڀيٽا پيش

ڪلاسيڪي موسيقي جي پلوڙ راڳي استاد راشد حيدري جي فن کي پرم جي ڀيٽا ڏني وئي

بدين ۾ فقير بالاچ شاهه عبداللطيف جي وائي ڳائي، شفيق حيدري آيل مهمانن کي آجياڻو ڏنو

شفيق حيدري، ڊاڪٽر طفيل چانڊيو، آصف نگارش، فقير بالاچ ۽ ٻين هم خيال دوستن خطاب ڪيو

بدين(رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ جي ڪلاسڪي موسيقي جي پلوڙ راڳي استاد راشد حيدري جي فن کي پرم جي ڀيٽا ڏني وئي تفصيل موجب بدين ۾ سنڌ جي ڪلاسيڪي موسيقي جي پلوڙ راڳي استاد راشد حيدري جي فن کي پرم جي ڀيٽا ڏني وئي پروگرام جي ماڊريشن ڊاڪٽر طفيل چانڊيو ڪئي. فقير بالاچ شاهه عبداللطيف جي وائي ڳائي، شفيق حيدري آيل مهمانن کي آجياڻو ڏنو استاد محمد رمضان ۽ پروفيسر عبدالله نقاش موسيقي جي فني، فڪري پاسن سان ڳالهايو. هنن جي ارتقا جي ڪوٺ وارن پاسن جي پڻ نشاندهي ڪئي. انهي کان پوءِ استاد راشد حيدري محفل ۾ پنهنجي فن جا جوهر ڏيکاريا. تمام گهڻي عرصي کان پوءِ بدين ۾ انهي نوعيت جو هي هڪ انتهائي منفرد ۽ پروقار پروگرام هو. جنهن ۾ سامعين کي هڪ لهر انگيز ۽ فني پهلوئن سان تمام اداڻن ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جو موقعو مليو استاد راشد حيدري سان سارنگي تي استاد اختر حسين ۽ طبلا نواز شيري شريڪ رهيا. سنڌ جو مشهور جهونو طبلا نواز استاد الله رکيا، جيڪو استاد سلامت، استاد نزاڪت، فتح علي ۽ استاد گلزار خان جن سان طبلي تي سنگت ڪندو رهيو آهي، سو به اسٽيج تي موجود رهيو استاد رمضان ۽ استاد راشد جڏهن گڏجي ڪري مالڪوس ڳايو ته محفل جو رس ئي تبديل ٿي ويو. سائين شفيق حيدري، ڊاڪٽر طفيل چانڊيو، آصف نگارش. فقير بالاچ ۽ ٻين هم خيال دوستن جي طرفان هي پروگرام نج آرٽ ۽ آرٽسٽ جي قدرداني لاءِ رکيو ويو هو

استاد راشد حيدري
پرم جي ڀيٽا

ٺٽي ۾ انساني حقوق کاتي حڪومت سنڌ جي تعاون سان مڪلي ۾ آگاهي سيمينار منعقد

سياسي سماجي شخصيتن ۽ عورتن سميت مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن پاران شرڪت

سيڪشن آفيسر امجد چانڊيو آرٽ ڪائونسل ٺٽي جي ڪيشور ڪمار اسسٽنٽ ڪمشنر شريڪ

مجتبيٰ خشڪ جي ايم سمون سنيئر صحافي جاويد لطيف ميمن ڊي بي شمش ناهيو شريڪ ٿيا

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) انساني حقوق کاتي حڪومت سنڌ جي تعاون سان مڪلي ۾ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار ۾ انٽر نيشنل هيومن رائيٽس موومينٽ جي اڳواڻن سياسي سماجي شخصيتن ۽ عورتن سميت مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن ٺٽي جي صحافين ڀرپور شرڪت ڪئي.خبر مطابق بنيادي انساني حقن ۽ انصاف جو نظام سول سوسائٽي جو ڪردار نوجوان صحافي وڪيل ۽ پارليمينٽرين جو ڪردار ۽ ٻين موضوعن تي انساني حقوق کاتي حڪومت سنڌ جي طرفان آگاهي سيمينار جي تقريب مڪلي جيم خاني ۾ رکي وئي جنهن ۾ انساني حقوق حڪومت سنڌ جي سيڪشن آفيسر امجد چانڊيو آرٽ ڪائونسل ٺٽي جي ڪيشور ڪمار اسسٽنٽ ڪمشنر محمد علي سوشل ويلفيئر کاتي جي خدابخش ٻهراڻي مهرين سومرو ڊي ايس پي جمعا خان پنهور عالمي انساني حقن جي تنظيم انٽرنيشنل هيومن رائيٽس موومينٽ ضلع ٺٽو جي سيد الطاف شاهه شيرازي ارشاد علي گندرو الطاف حسين ٿنيو _ سيد شير علي شاهه ڪاظمي پاڪستان پيپلز پارٽي جو اڳواڻ امتياز قريشي _ عبدالحميد سومرو _ ممتاز چنڊ _ مجتبيٰ خشڪ جي ايم سمون سنيئر صحافي جاويد لطيف ميمن ڊي بي شمش ناهيو حيدر جويو _ عظير پٽو، حقنواز شيخ پاڪستان فشر فوڪ فورم جي اڳواڻ بي بي ياسمين شاهه سميت وڏي تعداد ۾ صحافي حضرات عورتن شاگردن شهرين شرڪت ڪئي سيمينار جي شروعات ڪلام پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي ۽ قومي ترانو پڻ پيش ڪيو ويو جڏهن ته ايوارڊ پڻ ڏنا ويا

Awareness Se
Human Rights and Justice Systems
Human rights Activist Awards
Sunday 12th March 2023, Thatta

بقايا سنڌيار 01

ڪيٽي بندر روڊ بند ٿي ويو . قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ شبير پٽي، ڪامريڊ حبيب الله پليجو، علي محمد هولائي، جاويد پليجو، ڪامريڊ مرتضيٰ لاشاري ۽ ٻين ڳالهائيندي ته سنڌ دشمن آدمشماري سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي جنهن کي قومي عوامي تحريڪ رد ڪري ٿي سنڌ ۾ مهانگائي ڏينهون ڏينهن وڌندي وڃي سنڌ جي وسيلن تي ڌاڙا پر سنڌ حڪومت پارٽين کي به جوڳا قدم نه کنيا پيا وڃن سنڌ ۾ ڏينهون ڏينهن ڌاريا آباد ٿيندا وڃن ڌرتي ڌڻين کان پنهنجا حق کسيا پيا وڃن سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ جي ڪري زراعت تباهه ٿي چڪي آهي هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون ته ڌرتي ڌڻين جي مالڪي ڪري.

بقايا سنڌيار 02

پور تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي روشن علي سومرو استاد گل محمد اوٺو ممتاز اوٺو علي نواز اوٺو ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته دولتپور ۾ لاقانونيت انتها تي پهچي وئي آهي. دولتپور جا شهري ۽ ڪاروباري ماڻهن جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي شريف دڪاندار واپاري ڏينهون ڏينهن لٽجي رهيا آهن. پر افسوس دولت پور ۽ مورو پوليس انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل آهي جنهن سبب ڪوبه ڪاروباري ماڻهون چورن ۽ ڦورن کان محفوظ ناهي هن آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته 2 ڏينهن اڳ دولت پور جي واپاري ممتاز علي اوٺو کان مورو بينڪ مان ڏينهن ڏٺي جو لکين رپين جي ڦر ٿيل رقم واپس ڏياري شريف شهري ۽ ڪاروباري ماڻهن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 03

اي بي سي جين ۽ بڪتر بند گاڏين سان دراني مهر جي ڪچي واري علائقي ۾ ڌوهارين گينگ خلاف آپريشن شروع ڪري ڇڏيو ڌوهارين ۽ پوليس وچ جديد هٿيارن سان فائيرنگ جاري آهي ايس ايس پي ڪشمور عرفان سمون جو چوڻ آهي ته آپريشن دوران ڪيترن ئي ڌوهارين جر ٺاڪن کي باهيون ڏيئي ساڙي ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو ته جلد ٻنهي پوليس اهلڪارن کي سرڪاري هٿيارن سميت ڌوهارين کان بازياب ڪرايو ويندو ۽ ڌوهارين کي هر حال ۾ بخش نه ڪيو ويندو پٺي پاسي علائقي ۾ چڱو ڀلو آهي ته پوليس راجوڻيون ڪوششون وسيلي مغوين کي بازياب ڪرائڻ لاءِ هٽ پير هڻي رهي آهي

بقايا سنڌيار 04

بينر پلي ڪارڊ کنيل هئا جن ۾ ڌاري آبادڪاري، ڊيجيٽل آدمشماريءَ ۽ سنڌ دشمني نامنظور جا نعره لکيل هيا. ان موقعي ريلي کي خطاب ڪندي رمضان بليدي، نياز بليدي چيو ته سنڌ اسان جو هزارين سالن کان تاريخي وطن آهي. جنهن جا وارث صرف سنڌي آهن. سنڌ اندر پناهه وٺي ڪاروبار ڪندڙ افغان پناهگير سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال کي خراب ڪرڻ جا ذميوار آهن. هنن چيو ته غير ملڪي پناهگيرن جي نيڪالي لاءِ اردو ڳالهائيندڙن کي به آواز اٿارڻ گهرجي هي افغان پناهگير اسان سڀني لاءِ نقصانڪار ثابت ٿين پيا. ان ڪري افغانين جي نيڪالي جي لاءِ اردو ڳالهائيندڙ به آواز اٿارين هن چيو ته تازو سنڌ ۾ آيل ٻوڏ سبب جيڪا لڏپلاڻ ٿئي آهي. جنهن ۾ سنڌ جا ڪافي ماڻهو پنهنجا ڳوٺ خالي ڪري ٻين علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪري ويا آهن. ان صورتحال ۾ هي ڊيجيٽل آدمشماريءَ ڪرڻ ممڪن ئي نه آهي. ڊجيٽل آدم شماري ذريعي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. وفاق طرفان ڳڻپ ڪندڙ عملي کي جيڪي ٽيبليٽ ڏنا ويا آهن اهي به صحيح ڪم نه پيا ڪن. انگن اکرن پڻ ڦيرڦار ڪئي پئي وڃي. عملي جي صحيح طرح سان تربيت نه هجڻ، شناختي ڪارڊ جو شرط نه هجڻ. ڌارين آبادڪاري جي الڳ خانو نه رکڻ سان ظاهر ٿئي ٿو ته هن آدم شماري جي ذريعي ڪوڙا انگ اکر ڏيکاري سنڌين کان سنڌ وطن کسڻ جي سازش رٿي وئي آهي. هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ جو پڙهيل لکيل نوجوان نوڪري لاءِ ڪامورن جي درن جا چڪر ڪاٽي رهيا آهن. سنڌ جي دل ڪراچي ۾ فيڪٽرين اندر سنڌي ماڻهن کي روزگار نٿو ڏنو وڃي ڇا اها سنڌ دشمني ناهي. سنڌ حڪومت ڌرتيءَ ڌڻين کي روزگار ڏيڻ بجاءِ ڌارين کي روزگار ۽ نوڪري ڏئي رهي آهي جيڪا سنڌ دشمني آهي اسين ان کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين. هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ ۾ آباد لکين غير ملڪين کي ملڪ نيڪالي ڏئي پوءِ آدمشماري پنهنجي مقرر وقت تي ڪرائي وڃي.

بقايا سنڌيار 05

موقعي تي سهارا عظيم فائونڊيشن جي سي او ماجد عظيم ڪونڌر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان انسانيت جو فرض نڀائيندي يوسي خانواهڻ ۽ يوسي ديهات جي آس پاس جي مختلف ڳوٺن جي معذورن ۽ نابينن ۾ آيل سامان تقسيم ڪيو آهي ۽ انشاءَ الله اڳتي ۽ هر متاثر ۽ مستحق ماڻهن جي هر ممڪن مدد ڪندا رهنداسين ان موقعي تي مولائي اشفاق ڪونڌر، غلام اصغر هليو، پرويز حسين پند، آفتاب ملاح ۽ ٻين انهي نيڪ ڪم ۾ هٿ ونڊرايو ۽ انسانيت جو درد رکي معذورن جي خدمت ڪئي.

بقايا سنڌيار 06

جي سهيڙيندڙ ڊاڪٽر شاهمراد چانڊيو، عوامي تحريڪ اڳواڻ ڪامريڊ سرتاج چانڊيو، جونيئر جاڻ جن، گستا اڳواڻ عبدالهادي جوليائي، وارهه پريس ڪلب جي صدر اياز چانڊيو، پ پ اڳواڻ بشير جوليائي، سنڌي ادبي سنگت جي ضلعي رابطه سيڪريٽري نجيب چانڊيو، پائو در محمد برڙو، قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ عنايت لاشاري، ايس يو پي اڳواڻ وقار رضا، پ پ شهيد ڀٽو اڳواڻ نياز حيدري، اصغر ميراسي، جسم اڳواڻ غفار ميرجت، ليڪ عرفان منان ۽ ٻين چيو ته مراد چانڊيو هڪ سچو بردبار ۽ اصول پرست سياسي اڳواڻ هو جنهن نه رڳو شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي نظريي سان آخري دم تائين نڀايو پر طبقاتي ۽ قومي جبر خلاف پڻ ڀرپور جدوجهد ڪئي. منجهس قيادت ڪرڻ ۽ ساٿين کي سنڀالڻ جو غير معمولي ڏانءُ هيو هنن چيو ته سياسي ڪارڪن عوام جي لاءِ وڏي اميد ۽ آٿت هوندا آهن مراد چانڊيو پنهنجي سڄي جمار ۾ پنهنجي تنظيمي ڪارڪنن ۽ شهرين لاءِ آٿت هيو جنهن جي اچانڪ وڇوڙي سياسي خال پيدا ڪيو آهي سندس جدوجهد ڪڏهن به فراموش نه ٿيندي ۽ ڪيس هميشه ياد رکيو ويندو. تقريب ۾ محرم چانڊيو ذوالفقار صاحباڻي، محمد جان بروهي، حڪيم بلائي، وهاب چتو، محرم صاحباڻي ياسين ٻگهيو واپاري دڪاندار ٽرانسپورٽ اتحاد اڳواڻ محمد پنهل عباسي، ظهير احمد چانڊيو سميت شهرين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 07

